ڏاڪٽر رياضت ٻُرڙو

# ’شاهه جي رسالي‘ جي لغتن، معنائن وارن رسالن، سُرن ۽ ٻوليءَ جي ڪتابن ۽ لغوي مقالن ۽ مضمونن جو ببليوگرافيائي مطالعو

**Abstract:**

**(A Bibliographical Study of Dictionaries, Lexical Books, Lexicographical Research Papers and Articles written on "*Shah Jo Risalo*")**

*Shah Abdul Latif Bhittai (1689-1752) is the most prominent and influential poet because of his message of love, patience, humanism, courage, tolerance, peace, optimism etc., which is richly embedded in his poetry. Mr. Ernest Trumpp (1828-1885), a German etymologist and philologist, was the first ever scholar who compiled the poetry of Shah Abdul Latif Bhittai entitled "**Shah Jo Risalo**" in Sindhi language and got it printed from Germany in 1866.*

*Shah Abdul Latif was a great traveler and thus has used a variety of words in his poetry. Numerous words and terms of various dialects of Sindhi language, folk stories of Sindh and common masses are found in his poetry which have very artistically been used to express his thoughts and philosophy. Therefore a need was felt to present meanings and equivalents of such terms and words so that so that a common reader could understand the poetry of Shah Abdul Latif Bhittai. In this connection, Bheroomal Meharchand Advani and Mirza Qaleech Beg, in the early 20th century, attempted to compile two dictionaries of Shah Jo Risalo named "Ghareeb-ul-Lughaat" and "Lughaat-e-Latifi" respectively. Besides, a good enough number of compilers and editors of Shah Jo Risalo like Professor Hotchand Moolchand Gurbakhchhani, Ghulam Muhammad Shahwani, Kalyan Advani, Allama I. I. Qazi, Dr. Nabi Bux Khan Baloch, Banho'n Khan Shaikh have put meanings at the bottom of the pages as foot notes or at the end of Surs (melodies) of Shah Jo Risalo. Moreover, few books by Dr. Aftab Abro, Ms. Jeem Ain Munghani and Muhammad Hussain Kashif have also have been published which help greatly to understand the language and lexicon of Shah Abdul Latif. In addition to these attempts, numerous research papers were published, time and again, in various literary magazines, research journals and books offer several aspects of Shah Abdul Latif Bhittai's lexicon in detailed manner.*





*This research paper aims at discussing all this scholarly work done in chronological order and bibliographical form on lexicon of Shah Jo Risalo from 1889 to 2019.*

**حضرت** شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ (١٦٨٩ع -١٧٥٢ع) جي لازوال تصنيف ’شاهه جي رسالي‘ جا، ١٨٦٦ع ۾ ڇپيل ۽ ارنيسٽ ٽرمپ صاحب جي جوڙيل پهرئين ’شاهه جي رسالي‘ کان وٺي ٢٠١٩ع تائين، مختلف مؤلفن، محققن ۽ مرتبن پاران تمام گهڻا ۽ مسلسل ڇاپا ڇپجندا رهيا آهن، جن ۾ نه صرف شاهه سائينءَ جي حياتيءَ ۽ سندس دؤر جي واقعن جي اپٽار ڪئي وئي آهي، پر شاهه سائينءَ جي بيتن ۽ وائيُن ڪي پيار، محبت، عشق منجهان اکين تي رکي پيش به ڪيو پئي ويو آهي. انهن مان ڪي مؤلف، محقق ۽ مرتب اهڙا آهن، جن شاهه سائينءَ جي نالي ۾ جيڪو ڪجهه ٻڌو يا لڌو، سو محبت منجهان لکت هيٺ آندو ۽ ڪي مؤلف، محقق ۽ مرتب اهڙا به آهن، جن علم ۽ ادب جي اصولن، ٻوليءَ جي نزاڪتن، ۽ راڳ ۽ موسيقيءَ جي فن کي نظر ۾ رکندي، شاهه سائينءَ جي شاعريءَ کي نه صرف ڇنڊيو ۽ ڇاڻيو، پر شاهه جي شاعريءَ ۾ ڪتب آيل سنڌي ٻوليءَ جي لغت کي لغوي ۽ اصطلاحي معنائن جي لحاظ کان سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جون ڪوششون به ڪيون، ته جيئن، نه صرف شاهه سائينءَ جي ٻولي، هر دؤر توڙي موجوده دؤر ۾ سمجهي وڃي. پر شاهه سائينءَ پنهنجن بيتن ۽ وائين ۾، سنڌي ماڻهن سميت سموري انسانذات لاءِ جيڪي اعليٰ مقصد، ماڻ ۽ ماپا بيان ڪيا آهن، تن کي به پوريءَ ڏاهپ، ڏات ۽ ڏانءَ سان سڄيءَ دنيا ۾ پکيڙي سگهجي، ته سهٽي سٺاءَ سان به عمل هيٺ آڻي سگهجي.

شاهه سائينءَ جي رسالي جي حوالي سان، ان جي لغت تي ڪيل اهو ڪم گهٽو ۽ گهڻ رخو آهي، جنهن کي هن مقالي ۾ سهيڙڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، ته جيئن ٻئي مرحلي ۾ مختلف عالمن، ٻوليءَ جي ماهرن، محققن، گرامر جي ڄاڻن ۽ لغت نويسن جي ڪيل انهيءَ سموري ڪم کي تقابلي جائزي هيٺ آڻي سگهجي ۽ شاهه جي رسالي جي هڪ اهڙي لغت جوڙي سگهجي. جا وڏ ۾ وڏ جامع هجي ۽ شاعريءَ ۾ سمايل اعليٰ ۽ اُتم مقصدن کي ڇِتو ڪندڙ هجي. ان سلسلي ۾، شاهه جي لغت کي سمجهڻ واسطي ڪيل انهن ڪاوشن ۽ ڪوششن کي، مون هن مقالي ۾، مختلف حصن ۾ ورڇيو آهي، جيڪي هن ريت آهن:



Shah Abdul Latif Bhittai Chair

١. شاھ جي مخصوص رسالن ۾ آيل ڏکين لفظن جون لغتون،
٢. شاھ جي رسالن ۽ ان جي ترجمن ۾ آندل اھنجن لفظن جون معنائون،
٣. رسالي جي سرن وارن مجموعن ۽ شعرن جي انتخابن ۾ ڇپيل اھنجن لفظن جون معنائون،
۴. شاھ جي ٻوليءَ تي ڇپيل ڪتابن ۾ معنائن جو مطالعو، ۽
۵. شاھ جي ٻوليءَ بابت مضمون ۽ مقالا.

ھن مضمون ۾ آندل مواد ۽ داخلائن کي سن وار سھيڙيو ويو آھي، تہ جيئن سن وار لغت جي ڪم کي مطالعي ھيٺ آڻي سگھجي. ان کان سواءِ ھيءُ ڪم شاھ جي لغتن جي ببليوگرافيءَ ۽ انسائِڪلوپيڊيا ۾ پڻ شامل ڪري سگھجي ٿو، جنھن مان شاھ لطيف جي ڇپيل رسالن، مختلف ڪتابن ۽ سُرن جي مجموعن جي ببليوگرافيءَ کي نئين سِر جامع بڻائي ۽ نئون سنئون (up to date) ڪري سگھجي ٿو. ڇاڪاڻ تہ ذڪر ھيٺ آيل رسالي، لغت، ڪتاب ۽ مضمون جي وڌ ۾ وڌ ممڪن ميسر ڄاڻ کي ھتي رڪارڊ جو حصو بڻايو ويو آھي ۽ جن بہ لغتن، معنوي رسالن، سرن جي ڪتابن وغيره جي جن بہ ھڪ کان وڌيڪ ڇاپن جي معلومات ملي سگھي آھي، اھا رڪارڊ جو حصو بڻائي وئي آھي. گذريل ڏيڍ سؤ کن سالن دوران ڪيل 'شاھ جي لغت' جو ھيءُ ڪم سھيڙڻ سھنجو نہ آھي. ان ۾ باوجود ڀرپور ڪوشش جي، ڪا نہ ڪا ڪوٽ رھجي وئي ھوندي، جنھن جي اڳواٽ معذرت ڪجي ٿي ۽ اميد رکجي ٿي، تہ اھڙي نشاندھي ڪرائي ويندي، تہ جيئن شاھ جي لغت جي ڪا بہ ممڪن داخلا ڪُٽل نہ ھجي. البت اھو واضح ھجي تہ ھن مضمون ۾ انھن ڪتابن ۽ مضمونن جو ذڪر شامل نہ ڪيو ويو آھي، جن ۾ شاھ جي رسالي موجب، گرامر جو مطالعو ڪيو ويو آھي يا صرفي ۽ نحوي جوڙجڪ تي اڀياس لکيا ويا آھن. اھڙو ڪيل ڪم ھڪ الڳ مضمون جو متقاضي آھي.

شاھ سائينءَ جي لغت تي ڪيل ھن ڪم کي سھيڙڻ واسطي، مون کي مختلف لائبريرين وري وري ڏسڻيون پيون آھن ۽ اڻ ڳڻين شاھ جي رسالن، سرن جي انتخابن، ڪتابن، رسالن ۽ مخزنن کي اٿلائڻو پيو آھي.

ھن مضمون جي سيني حصن ۾، پھريان ليکڪ جو نالو، پوءِ ڪتاب ۽ رسالي جو نالو، ڇاپو، سن، جلدبنديءَ جو قسم، سائز، صفحن، قيمت، ڇپيندڙ (پريس) ۽ ڇپائيندڙ (پبلشر) بابت ميسر ٿي سگھيل ڄاڻ ڏني وئي آھي. جيڪڏھن ڪنھن ڪتاب





يا رسالي جا ھڪ کان وڌيڪ ڇاپا ڇپيا آھن، تہ انھن ڇاپن جي پڻ اھڙي ڄاڻ ڏني وئي آھي. ان سلسلي ۾ وڌ ۾ وڌ ڪوشش ڪئي وئي آھي تہ لغت، رسالي، ڪتاب ۽ مضمون کي پنھنجي نظر مان ڪڍيو ويو ھجي، تہ جيئن معلومات جي شاھدي رھي. اھڙن سڀني نظرن مان ڪڍيل ڪتابن، رسالن وغيره جي نشاندھي ھڪ 'ستاري' (*) سان ڪئي وئي آھي جيڪو عنوان، ڇاپي سن وغيره تي ڏنو ويو آھي. جيڪڏھن ڪنھن ڪتاب يا رسالي ۾ ڇپائيءَ جو سن ڏنل نہ آھي تہ ڇاپي نمبر تي 'ستارو' ھنيو ويو آھي. ان ريت، اھڙو ھر ڪتاب، رسالو ۽ مضمون ھڪ حوالي جي حيثيت رکي ٿو، جنھن تي ھن مضمون اندر 'ستارو' (*) ڏنو ويو آھي. اھو پڻ ھڪ حد تائين ڪَٽ ڪري ٻڌايو ويو آھي تہ شاھ جي لغت کي ڪھڙي ۽ ڪيتري مقدار ۾ لغت، رسالي، ڪتاب يا مضمون (مقالي) ۾ پيش ڪيو ويو آھي. مھاڳ، مقدمي، پيش لفظ، پبلشر نوٽ وغيره جي نشاندھي پڻ ضرورت آھر ڪئي وئي آھي.

**شاھ جي مخصوص رسالن ۾ آيل ڏکين لفظن جون لغتون:**

شاھ جي رسالن ۽ شاعريءَ جون لغتون ڪي گھڻي تعداد ۾ نہ ڇپيون آھن. ان سلسلي ۾، تمام گھڻي ڪم جي گنجائش اڃا محسوس ٿئي ٿي. ھڪڙا لغت جا ڪتاب اھڙا ڇپيا آھن، جن ۾ شاھ جي شاعريءَ ۾ آيل اھنجن لفظن جي معنائن ۽ سمجھاڻين کي ڪنھن مخصوص رسالي بدران مجموعي طور پيش ڪيو ويو آھي. اھڙي لغت جو ھڪ مثال، مرزا قليچ بيگ جي جوڙيل 'لغات لطيفي' (١٩١۴ع) آھي. ٻيون رسالن جون اھڙيون لغتون ڇپيون آھن، جيڪي مؤلفن ۽ محققن جي مرتب ڪيل 'شاھ جي رسالي' تي آڌاريل آھن. ظاھر آھي تہ اھڙيون لغتون ھمہ گيريت کان وڌيڪ ٿيرڪيون ٿي بيٺيون آھن. اھڙي لغت جو ھڪ مثال غلام مصطفيٰ مشتاق ميمڻ جي جوڙيل 'شاھ جو رسالو (ڏکين لفظن جي معنيٰ، الف-ب وار) لغت' (٢٠٠٠ع) آھي، جنھن کان پوءِ ٻيو مثال ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي جوڙيل 'روشني: شاھ جي ڪلام جي لغت' (٢٠٠٢ع) آھي.

ھيٺ لطيفي لغتن بابت تفصيل ڄاڻائجي ٿو:

**ليلارام وٽڻمل لالواڻيءَ** (١٨٦٧-١٩۴١ع) جو شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي حياتيءَ ۽ ڪلام تي لکيل انگريزي ٻوليءَ ۾ ڪتاب 'The Life, Religion and Poetry of Shah Latif: The Greatest Poet of Sindh' (سنڌ جي عظيم ترين شاعر شاھ لطيف جي حياتي، مذھب ۽ شاعري) جو پھريون ڇاپو ١٨٨٩ع ۾: ڊيمي سائز ۾: فونڪس



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

پريس، ڪراچي ۾ ڇپيو. هن ڪتاب جي ٻن جُلدن (volumes) مان، پهريون جُلد ابتدائي ١٦-صفحن کان سواءِ ٩٥-صفحن (جُملي ١١١-صفحن) تي مشتمل هو، جن ۾ ٦-صفحا پُلنامي جا به شامل هئا، جڏهن ته ٻيو جُلد ٢٢٢-صفحن تي پکڙيل هو. ان ٻئي جُلد ۾ ٻه ڀاڱا آهن: پهرئين ڀاڱي جي ٤١-صفحن ۾ ’شاهه جي رسالي‘ ۾ آندل ١١٣-عدد؛ قرآن مجيد جي عربي آيتن ۽ حديثن ۽ ٻين عربي لفظن ۽ فُقرن جي معنيٰ ۽ سمجهاڻي ڏنل آهي ۽ ٻئي ڀاڱي جي ١٨١-صفحن ۾ ’شاهه جي رسالي‘ جي ١٥٠٠ کان وڌيڪ ڏکين لفظن ۽ فقرن جي معنيٰ انگريزي ٻوليءَ ۾ ڏنل آهي. ان ريت، هن ڪتاب ۾ ڄڻ ته ’پهرين سنڌي-انگريزي لطيفي لغت‘ ڇپجي پڌري ٿي. ان ڪري ئي اِن ڪتاب کي لغت واري ڀاڱي ۾ پهرئين نمبر تي آندو ويو آهي. ان ڪتاب جو عڪسي ڇاپو، ٻئي ڇاپي طور، ١٩٨٥ع ۾؛ غير مجلد؛ ڊيمي سائز ۾؛ احمد برادرس پرنٽرس، ڪراچي، مان ڇپجي؛ سنڌ ڪتاب گهر/انڊس پبليڪيشنز، ڪراچيءَ، طرفان پڌرو ٿيو؛ جنهن ۾ ’Introduction‘ (تعارف) مظهر يوسف جو لکيل آهي. اِن ڪتاب جو ٽيون ڇاپو ٢٠١٧ع ۾؛ ڊيمي سائز ۾؛ مجلد؛ ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ سان؛ ٢٣٤ صفحن تي مشتمل؛ ٣٠٠ رپين جي قيمت ۾؛ ثقافت، سياحت ۽ نوادرات کاتي، سنڌ حڪومت، پاران ڇپيو، جنهن ۾ لغت وارو ڀاڱو صفحي ١٣١ کان صفحي ٢٣٤ تائين آندل آهي. ان ۾ ’Publisher’s Note‘ (پبلشرز نوٽ) مدد علي سنڌيءَ پاران لکيل آهي.

**پيرومل مهرچند آڏواڻيءَ** (١٨٧٥-١٩٥٠ع) جي جوڙيل شاهه جي رسالي جي لغت ’غريب اللغات‘ جو پهريون ڇاپو ١٩٠٧ع ۾؛ غير مجلد؛ ڊيمي سائز ۾؛ ١٤ مهڙين ۽ لغت جي ٥٢ صفحن تي مشتمل؛ قيصريه پريس، حيدرآباد، مان ڇپرائي، مؤلف پاران پڌرو ٿيو. منجهس لغت وارو ڀاڱو ٻن ڪالمن ۾ آيل آهي. هن لغت کي ’شاهه جي پهرين سنڌي لغت‘ جي حيثيت حاصل آهي، پر منجهس ’شاهه جي رسالي‘ جي صرف ٽن سُرن ’ڪلياڻ‘، ’يمن ڪلياڻ‘ ۽ ’ڪنڀات‘ جي ڏکين لفظن جون معنائون، بيتن جي ترتيب موجب، ڏنل آهن. انهن سُرن جي چونڊ، ١٩٠٠ع ۾ ’تعليم کاتي جي ڇپرايل شاهه جي رسالي‘ مان ڪيل آهي، جيڪو تاراچند شوقيرام جو مرتب ڪيل آهي. ان لغت ۾، مختلف لفظن جا اشتقاق (Etymology) پڻ ڏنل آهن. ان ڪتاب جو ’ديباچو‘ پيرومل صاحب جو لکيل آهي، جنهن تي ١٢ جولاءِ ١٩٠٦ع جي تاريخ لڳل آهي. ان لغت ۾ ’شاهه جو ٿورو ذڪر‘ نالي سان ليک پڻ پيرومل جو لکيل آهي. پيرومل جي ان لغت جا ٻيا





ڀاڱا، جيڪي ٻين سُرن بابت هئا، سي نامڪمل رهجي ويا، ڇاڪاڻ ته هو معنائن جي وڌيڪ تسلي چاهي پيو. ان کان سواءِ هن گهربل پيسن جي کوٽ جو به عُذر ڄاڻايو آهي. ان بابت، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لکي ٿو: ”پيروملَ لغات جا وڌيڪ حصا ان ڪري نه ڇپرايا، جو ڪيس ڪن لفظن جي معنيٰ جي پڪ ڪا نه هئي، ان لاءِ هن وڌيڪ کوجنا ڪرڻ گهري ٿي.“[1] پيرومل ’غريب اللغات لغت‘ جو ٻيو جلد پريس مان موٽائي ورتو هو. البت، پيرومل صاحب ’غريب اللغات‘ کان پوءِ ’لغت‘ جي ترتيب ۾ هڪ تبديلي آڻيندي، هر سُر بابت الڳ الڳ ڪتابڙي ڇپڻ جي رٿ جوڙي، جنهن موجب سندس جوڙيل هڪ ڪتاب ’سُر سورٺ‘ پڻ ڇپيو.

**مرزا قليچ بيگ** (١٨٥٣-١٩٢٩) جي جوڙيل ’شاهه جي رسالي‘ جي لغت ’لغات لطيفي‘ جو پهريون ڇاپو ١٩١٤ع ۾؛ ٣٨٥ صفحن تي مشتمل؛ منشي پوڪرداس، وڪٽوريه پريس، سکر، مان ڇپجي؛ پوڪرداس اينڊ سنز، شڪارپور، پاران پڌرو ٿيو. هن لغت کي شاهه لطيف جي ’پهرين مڪمل سنڌي لغت‘ جي حيثيت حاصل آهي، جنهن ۾ سمورن سُرن جا اهنجا لفظ آندل آهن، جيڪي مرزا قليچ بيگ جي مرتب ڪيل ’شاهه جي رسالي‘ (١٩١٣ع) جي ڇاپي ۾ ڏنل سُرن جي ترتيب موجب ڏنل آهن. انهن ڏکين لفظن کي، سرن جي ترتيب موجب، الف-بي وار سٽاءَ ۾ رکيو ويو آهي، ته جيئن اهنجي لفظ کي ڳولڻ ۾ سهنجائي ٿئي، البت هڪ ڏکيائي اها آهي ته جيڪڏهن ساڳيو اهنجو لفظ ڪنهن ٻئي سُر ۾ به آيل آهي، ته ان جي معنيٰ ڳولڻ ڏُکي آهي. ’لغات لطيفي‘ جو ٻيو ڇاپو ١٩٦٧ع ۾؛ غير مجلد؛ ڊيمي سائز ۾؛ ١٠٠٠ جي تعداد ۾؛ ٧+٣٨٢=٣٨٩ صفحن تي مشتمل؛ پنجن رپين جي قيمت ۾؛ حيدرآباد پرنٽنگ پريس، ڪوڪر محلي، حيدرآباد، مان ڇپجي؛ سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، پاران پڌرو ٿيو. داخلائون ٻن ڪالمن ۾ آندل آهن. هن ڇاپي ۾ ’ناشر طرفان‘ ٻه صفحا، محمد ابراهيم جويي جا لکيل شامل آهن. جويو صاحب لکي ٿو، ”ڪتاب جي اڳين ڇاپن ۾، هر لفظ سان گڏ، هر سر جي داستان ۽ بيت جو انگ ڏنل هو، ته جيئن پڙهندڙن کي ڪتاب جي اپياس ۾ سهوليت ٿئي؛ پر جيئن ته شاهه جي ڪلام جي ترتيب ۾، مختلف عالمن پنهنجن نسخن ۾، ڪي بيت اڳي ڪي پوءِ پئي آندا آهن، ۽ انهيءَ ڪري هن ڪتاب ۾ انگن جي افاديت فقط ايتريءَ حد تائين آهي ته اهي مرحوم شمس العلماء جي جوڙيل شاهه جي رسالي جي نسخي جي اپياس ۾ ئي ڪارائتا هئا ۽ ٻين نسخن جي مطالعي ۾ اهي انگ پڙهندڙن

جي رهنمائي ڪرڻ بدران پاڻ ڪنهن قدر مونجهاري جو باعث پئي ٿيا. ان ڪري 'لغات لطيفيءَ' جي هن ڇاپي ۾ لفظن سان گڏ ڏنل داستانن ۽ بيتن جا انگ ڪڍيا ويا آهن، ته جيئن پڙهندڙن کي ڪنهن به قسم جو مونجهارو نه ٿئي."[۲] ان لحاظ کان هيءُ ڇاپو وڌيڪ ڪارائتو ثابت ٿي پيو آهي. 'لغات لطيفيءَ' جو ٽيون ڇاپو ۱۹۹۴ع ۾: مجلد؛ ۲۰۰۰ جي تعداد ۾: ۶+۴+۳۶۶=۳۷۶ صفحن تي مشتمل؛ ۴۰ رپين جي قيمت ۾ (۲۰ رپين ۾ سستو ڇاپو)؛ الائيڊ بڪ ڪمپني، ڪراچيءَ، مان ڇپجي؛ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري، حيدرآباد، پاران پڌرو ٿيو. هي ڇاپو، پهرئين ڇاپي جو عڪسي ڇاپو آهي، جنهن ۾ مرزا قليچ بيگ جي چار رنگي سهڻي تصوير شامل ڪيل آهي ۽ صرف مهڙيان ۶ صفحا ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ تي آيل آهن. جڏهن ته، لغت وارو ڀاڱو ٻن ڪالمن ۾ ورڇيل آهي. ان ڇاپي ۾، 'پيش لفظ' ڊاڪٽر نواز علي شوق پاران، اٿارٽيءَ جي چيئرمين طور، لکيل آهي. 'لغات لطيفيءَ' جو چوٿون ڇاپو آگسٽ ۱۹۹۸ع ۾: مجلد؛ ڊبل ڪرائون سائز ۾؛ ۱۰۰۰ جي تعداد ۾: ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ سان؛ ۳۱۶ صفحن تي مشتمل؛ ۲۰۰ رپين جي قيمت ۾: مهراڻ اڪيڊمي، شڪارپور، پاران ڇپيو. جنهن کي الحاج سيد علي رضا شاهه بخاريءَ، سُرن واري ترتيب مان بدلائي، معياري لغت واري مروج طريقي موجب، مڪمل الف-بي وار مرتب ڪيو. جنهن سان ان لغت جي افاديت گهڻي وڌي وئي. ان ڇاپي جو 'مهاڳ' انجنيئر عبدالمالڪ ميمڻ جو لکيل آهي. ان ڇاپي ۾ داخلائون صفحي ۱۷ کان شروع ٿيندڙ آهن. 'لغات لطيفيءَ' جو پنجون ڇاپو (هيءُ ڇاپو چوٿون ڇاپو ڪري پڌرو ڪيل آهي، جڏهن ته اصل ۾ پنجون ڇاپو آهي) ٽئين ڇاپي جي نقل طور؛ جنوري ۲۰۱۷ع ۾، غير مجلد؛ ۵۰۰ جي تعداد ۾: ۲۵۰ رپين جي قيمت ۾: ميشرس علي حسنين پراسس اينڊ پرنٽنگ سروسز، حيدرآباد مان ڇپجي؛ سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، پاران پڌرو ٿيو، جنهن ۾ ڊاڪٽر شوق جي لکيل 'پيش لفظ' بدران، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ جو لکيل 'پيش لفظ' شامل آهي. ان ريت پڌرو ٿيو، ته مرزا قليچ بيگ جي جوڙيل 'لغات لطيفي' جا پنج ڇاپا، ترتيبوار ۱۹۱۴ع، ۱۹۶۷ع، ۱۹۹۴ع، ۱۹۹۸ع ۽ ۲۰۱۷ع سنن ۾، ٽن مختلف سِٽائن سان ڇپجي چڪا آهن.

**مرزا قليچ بيگ جي جوڙيل لغت** 'سنڌي لغات قديمي' جو پهريون ڇاپو ۱۹۲۴ع ۾: ڪرائون سائز ۾: مهڙين ڇهن ۽ لغت جي ۳۶۸ صفحن ۽ 'پلنامي' جي ۸ صفحن تي مشتمل؛ ٽن رپين ۽ ڇئن آنن جي قيمت ۾: پرگڙي نيشنل پريس، حيدرآباد، مان





ڇپجي؛ سنڌي ساهت پبلشنگ ڪمپني، حيدرآباد، پاران پڌرو ٿيو. منجهس لغت وارو ڀاڱو ٻن ڪالمن ۾ ورڇيل آهي. ان لغت ۾، شاهه لطيف جي رسالي سوڌو ديوان گل، شاهه ڪريم جي رسالي، ابوالحسن جي سنڌيءَ، عبدالرحيم جي سنڌيءَ، مخدوم محمد هاشم ٺٽئيءَ (ٺٽويءَ)، بيان العارفين، مومل راڻي (جي قصي)، ثابت علي شاهه جي مرثين ۽ ساميءَ جي سلوڪن ۾ آيل اهنجن لفظن جون معنائون ڏنل آهن.

**سيد نجف علي شاهه** 'ڪمتر' نقويءَ (۱۹۲۳-۱۹۸۴ع) جي جوڙيل شاهه جي رسالي جي لغت 'ٻاروچي ٻولي' جو پهريون ڇاپو ڊسمبر ۱۹۸۴ع ۾: غير مجلد؛ رايل سائز ۾: ۱۰۰۰ جي تعداد ۾: ابتدائي اَٺن صفحن سميت لغت جي ۴۳۳ صفحن تي مشتمل؛ سنڌ پرنٽنگ پريس، آڪال پونگا لائين، حيدرآباد، مان ڇپجي؛ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشوري، پاران پڌرو ٿيو. منجهس 'ا' (الف) سان شروع ٿيندڙ ڏکين لفظن جون معنائون ۽ انهن جي چنڊڇاڻ آيل آهي. اهي داخلائون ٻن ڪالمن ۾ آندل آهن. هيءَ شاهه جي رسالي جي مڪمل لغت ناهي. پر پهريون ڀاڱو آهي. مؤلف ان لغت جا ڪجهه ٻيا ڀاڱا به لکيا هئا، جيڪي جهانيان خاندان حيدرآباد ۾ سندن پونيرن وٽ موجود آهن. هيءُ پهريون 'ڀاڱو' به سندس وفات کان پوءِ پڌرو ٿيو. 'ٻاروچي ٻولي' جي ٻين ڀاڱن بابت، 'انسائڪلوپيڊيا سنڌيانا' ۾ به آيل آهي ته: "هن 'ڪليد' جا ٻيا قلمي ڀاڱا، ڪمتر نقويءَ جي پونيرن وٽ موجود آهن."[۳] اهي ضرور هٿ ڪري ڇپرائڻ گهرجن.

**تيج قابل**، جي جوڙيل لغت 'شاهه فرهنگ' (شاهه جي رسالي جو ڪوش)، ۱۹۹۴ع ۾[۴]، ۱۰۴ صفحن تي مشتمل، وشنو پبليڪيشن، ممبئي انڊيا[۵]، پاران ڇپي، جنهن ۾ رسالي جي اهنجن لفظن جون معنائون ڏنل آهن. ان لغت جي ٻيءَ ڄاڻ بابت سنڌ ۽ هند مان گهڻي کوج ڪئي وئي، پر ملي نه سگهي.

**غلام مصطفيٰ** 'مشتاق' ميمڻ، جي مرتب ڪيل شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي جي ٽيهن سُرن مان چونڊيل بيتن جي لغت "شاهه جو رسالو (ڏکين لفظن جي معنيٰ، الف-ب وار) لغت" جو پهريون ڇاپو آگسٽ ۲۰۰۰ع ۾: مُجلد؛ پاڪيٽ سائز ۾؛ ۱۰۰۰ جي تعداد ۾: ۴۱۰ صفحن تي مشتمل؛ مهراڻ اڪيڊمي، شڪارپور؛ پاران ڇپيو، جنهن ۾ صفحي نمبر ۹ کان آخر تائين لفظن جون معنائون آندل آهن. هيءَ 'شاهه جي رسالي' جي پهرين پاڪيٽ سائز سنڌي لغت آهي. اِن لغت کي 'جلد ٻيو' ڪري ڇپيو

ويو. ڇاڪاڻ تہ ’جلد پهرئين‘ طور ’شاھ جو رسالو‘ (چونڊ ڪلام) پاڪيٽ سائز ۾، الڳ ڇپرايو ويو هو. هن لغت ۾، سُر وار، الف-بي جي ترتيب سان، اهنجن لفظن جون معنائون ڏنل آهن، جيئن مرزا قليچ بيگ جي ’لغات لطيفي‘ جي ٻئي ڇاپي ۾ آندل هيون. هِن لغت جو ٻيو ڇاپو مارچ ٢٠٠٣ع ۾ ۽ ٽيون ڇاپو مارچ ٢٠٠٧ع ۾: ٩٠ رپين جي قيمت ۾: ساڳي اداري پاران ڇپيا. هن پاڪيٽ سائز لغت کي، غلام مصطفيٰ مشتاق ميمڻ جي جوڙيل ’شاھ جو رسالو‘ (چونڊ ڪلام) ۾، هر سُر پٺيان الف-بي وار ترتيب موجب ڏئي، نومبر ٢٠١١ع ۾: مجلد: ڊبل ڪرائون سائز ۾: مهراڻ اڪيڊمي، شڪارپور، پاران ڇپيو ويو. جنهن سان ان پاڪيٽ سائز لغت جي الڳ حيثيت ختم ٿي.

**ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ**، جي جوڙيل ’روشني: شاھ جي ڪلام جي لغت‘ جو پهريون ڇاپو ٢٠٠٢ع ۾: مجلد: ڊبل ڪرائون سائز ۾: ١٠٠٠ جي تعداد ۾: ١٠+٥٥٨+١=٥٦٩ صفحن تي مشتمل: ٥٠٠ رپين جي قيمت ۾: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، پاران پڌري ٿي. هيءَ ’شاھ جي رسالي‘ جي ’پهرين مڪمل الف- بي وار‘ ترتيب ۾ آندل لغت آهي، جنهن ۾ لغت وارو ڀاڱو ٻن ڪالمن ۾ ورڇيل ۽ ٥٥٧ صفحن تي پکڙيل آهي. هن لغت لاءِ ماخذ رسالو، ڊاڪٽر بلوچ پاران ’شاھ جو رسالو - شاھ جو ڪلام‘ رٿا تحت، ’اٺين ۽ نائين جلد‘ طور تحقيق ڪيل ’شاھ جو رسالو‘ (١٩٩٩ع) آهي. ان لغت جو نئون ڇاپو [درحقيقت ٻيو] ٢٠١٤ع ۾: ڊبل ڪرائون سائز ۾: مجلد: مهڙين ڏهن ۽ لغت جي ٥٥٧ صفحن ۽ فهرست جي آخري هڪ صفحي تي مشتمل: ٥٠٠ رپين جي قيمت ۾: ثقافت کاتي، سنڌ حڪومت، پاران: ڏھ جُلدِي ’شاھ جي رسالي‘ جي ڇپائيءَ تحت، ڏهين جُلد طور، ڇپجي پڌرو ٿيو. ان ڇاپي جي ’ٽيڪنيڪل صفحي‘ تي ڄاڻايل آهي، تہ ’روشني‘ جو پهريون ڇاپو ١٩٩٧ع ۾ ڇپيو هو، جا ڳالھ صحيح نہ آهي. ڊاڪٽر بلوچ جي لکيل ’مهاڳ‘ جي اختتام هيٺان پڻ ٢٤-ڊسمبر ٢٠٠١ع جي تاريخ درج ڪيل آهي، جنهن منجهان پڻ پڌرو آهي تہ پهريون ڇاپو ٢٠٠١ع کان پوءِ ئي ڇپيو هو. هن لغت ۾، داخلائون ٻن ڪالمن ۾ آندل آهن. لغت ۾ شاھ جي رسالي جي ڏکين توڙي آسان لڳ ڀڳ ١٧ هزار لفظن، ورجيسن ۽ اصطلاحن جون معنائون ۽ سمجهاڻيون شامل آهن. ان ڇاپي ۾ ’پبلشر پاران‘ منظور احمد ڪناسري، ڊائريڪٽر جنرل، ثقافت کاتي، پاران لکيل آهي. ’روشني: شاھ جي رسالي جي لغت‘ جو ٻيو ڇاپو [درحقيقت ٽيون ڇاپو]، جنوري ٢٠١٧ع ۾: مجلد: ڊبل ڪرائون سائز ۾: ٥٠٠ جي تعداد ۾: ٩٠٠ رپين جي





قيمت ۾: پاڪيزه پرنٽرس، حيدرآباد، مان ڇپجي: سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري، حيدرآباد، طرفان پڌرو ٿيو. ان لغت جي ٽيڪنيڪل صفحي تي ڄاڻايو ويو آهي تہ ان لغت جو پهريون ڇاپو ٢٠٠٠ع ۾ ڇپيو هو، جيڪو سن پڻ غلط لکيو ويو آهي. درست سن ٢٠٠٢ع آهي. ان لغت ۾ ’ناشر طرفان‘، نوٽ اداري جي چيئرمين ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ پاران لکيل آهي.

**ڊاڪٽر فهميده حسين**، جي نگرانيءَ ۽ ايڊيٽنگ ۾ ’سنڌي ڪلاسيڪي شاعرن جي لغت‘ جو پهريون ڇاپو ڊسمبر ٢٠٠٤ع ۾: مجلد: ڊبل ڊيمي سائز ۾: مهڙين اٺن ۽ لغت جي ٤٧٢ صفحن تي مشتمل: ٣٠٠ رپين جي قيمت ۾: شعبي تصنيف، تاليف ۽ ترجمي، ڪراچي يونيورسٽي مان ڇپجي: شاھ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچيءَ، پاران پڌرو ٿيو. هن لغت کي ’جزوي شاھ جي رسالي جي لغت‘ سڏي سگهجي ٿو. هن لغت تي نظرثاني شيخ محمد اسماعيل جي ڪيل آهي، جڏهن تہ لغت واسطي تحقيق جو ڪم ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙي، طارق عزيز شيخ، انب گوپانگ، ڊاڪٽر غفور ميمڻ، عبدالعزيز خاصخيليءَ، شاهده دوست محمد، ياسر قاضيءَ ۽ نصر الله ناصر سرانجام ڏنو. هن لغت ۾ ’پنهنجي پاران‘ ڊاڪٽر فهميده حسين، ڊائريڪٽر، شاھ عبداللطيف ڀٽائي چيئر پاران لکيل آهي. هن لغت ۾، شاھ جي رسالي سميت، قاضي قادن، شاھ عبدالڪريم بلڙيءَ واري، ميين شاھ عنات، لطف الله قادريءَ، خواجہ محمد زمان لنواريءَ واري، خليفي نبي بخش لغاريءَ، مخدوم عبدالرحيم گرهوڙيءَ، سچل سرمست، ۽ ڀائي چين راءِ ساميءَ جي شاعريءَ جي ڏکين لفظن جون معنائون، ٻن ڪالمن ۾ ورڇي، درج ڪيون ويون آهن.

**الهرڪئي ٻُٽ ۽ سليم ڀُٽي لطيفيءَ** جي ترتيب ڏنل ’شاھ جي رسالي جي موضوعاتي لغت (جلد پهريون): هٿ جا هنر‘ جو پهريون ڇاپو ٢٠٠٨ع ۾: مُجلد: ڊيمي سائز ۾: ٣٤+٣٤٧=٣٨١ صفحن تي مشتمل: ٤٠٠ رپين جي قيمت ۾: شعبي تصنيف، تاليف ۽ ترجمي، ڪراچي يونيورسٽيءَ مان ڇپجي: شاھ لطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچيءَ، طرفان پڌرو ٿيو. هن لغت ۾ داخلائون ٣٤٧ صفحن تي آندل آهن. لغت ۾ ڪي رنگين تصويرون پڻ شامل آهن. هن لغت ۾ ’ٻہ اکر‘ پروفيسر محمد سليم ميمڻ پاران، ’مهاڳ‘ ڊاڪٽر غلام علي الانا پاران ۽ ’وک وڌڻ کان اڳ...‘ مرتبن پاران لکيل آهي. هن موضوعاتي لغت ۾، شاھ جي رسالي مان اهڙن لفظن کي چونڊيو ويو آهي، جيڪي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

هڻ جي هنرن بابت آهن. لغت ۾ هر موضوع هيٺ، الڳ الڳ الف-بي جي ترتيب ۾ داخلائون شامل ڪيل آهن.

**خليل الرحمان شيخ جي جوڙيل 'شاهه جي شاعري جي لغت'** ( Dictionary of Poetry of Shah Abdul Latif Bhittai) جو پهريون ڇاپو جنوري ٢٠١١ع ۾: غير مجلد: ڊيمي سائز ۾: ٥٠٠ جي تعداد ۾: ١٢٠ صفحن تي مشتمل: ١٥٠ رپين جي قيمت ۾: پيڪاڪ پرنٽرز، ڪراچيءَ، مان ڇپجي: سرهاڻ ويلفيئر سوسائٽي، سنڌ، پاران پڌرو ٿيو. ان لغت تي نظرثاني ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙي جي ڪيل آهي، جنهن پاران 'مهاڳ' پڻ لکيل آهي. هن لغت لاءِ ماخذ طور ٻانهي خان شيخ جو ٽن جلدن ۾ مرتب ڪيل 'شاهه جو رسالو' ڪتب آندو ويو آهي. هيءَ شاهه جي رسالي جي چونڊ اهڃن لفظن جي الف-بي وار سنڌي-انگريزي لغت آهي، جنهن ۾ ٽن ڪالمن ۾ داخلائون آندل آهن. جن مان پهرين ڪالم ۾ اهڃو لفظ ڏنل آهي، جنهن پرسان ننڍي ڏنگيءَ ۾ شاهه جي سُر جي نشاندهي ڪيل آهي، ٻئي ڪالم ۾ سنڌي متبادل يا معنيٰ ڏنل آهي، جيڪا ٻانهي خان شيخ جي مرتب ڪيل رسالي مان آندل آهي. ان لحاظ کان هن لغت جو گڏيل مؤلف ٻانهي خان شيخ کي پڻ چئي سگهجي ٿو. ٽئين ڪالم ۾ انگريزي متبادل يا معنيٰ خليل الرحمان شيخ پاران ڏنل آهي. هن لغت ۾ مرتب پاران ڪو به 'پيش لفظ' وغيره لکيل نه آهي. ڪتاب جي مهاڳ ۾ ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو لکي ٿو ته: "هن لغت ۾ ٢٢٠٠ کان وڌيڪ لفظن [جي] انگريزي معنيٰ ڏني وئي آهي."(٦)

**انور ڏنگڙائيءَ جي جوڙيل 'ڀٽائي ڊڪشنري'** جو پهريون ڇاپو نومبر ٢٠١٤ع ۾: غير مجلد: ڊبل ڪرائون سائز ۾: ٥٠٠ جي تعداد ۾: ٢٩٠ صفحن تي مشتمل: ٥٠٠ رپين جي قيمت ۾: انڊس ڪلچرل اينڊ لٽرري آرگنائيزيشن، ايئرپورٽ روڊ، لاڙڪاڻي، پاران پڌرو ٿيو. هن لغت ۾ 'ٻه اکر' بدر ابڙي پاران، 'مهاڳ' آصف رضا موريي پاران ۽ 'پنهنجي پاران' مرتب پاران لکيل آهن. هيءَ شاهه جي رسالي جي الف-بي وار لغت آهي، جنهن ۾ ٻن ڪالمن ۾ داخلائون آندل آهن، جن جو تعداد لڳ ڀڳ ١٥ هزار آهي.

**ڊاڪٽر آفتاب ابڙي جي تحقيق ۽ ترتيب ڏنل 'جامع لغات لطيف' (جلد پهريون)** جو پهريون ڇاپو ٢٠١٨ع ۾: مجلد: ڊبل ڪرائون سائز ۾: ٣٠٧ صفحن تي مشتمل: ١٢٠٠ رپين جي قيمت ۾: پيڪاڪ پرنٽرس، ڪراچي، مان ڇپجي: شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچيءَ پاران پڌرو ٿيو. هن لغت جو





نگران ايڊيٽر پروفيسر محمد سليم ميمڻ ۽ مددگار (لغت نويس) جاويد حسين بوزدار آهي. هيءَ لغت ٻه رنگي ڇپي وئي آهي. 'جلد پهرين' ۾ هي پنج سر شامل آهن: ڪلياڻ، يمن، ڪنيات، بروو ۽ گهاتو. ان ۾ مهاڳ پروفيسر محمد سليم ميمڻ، ڊائريڪٽر، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، جو لکيل آهي ۽ مقدمو ڊاڪٽر آفتاب ابڙي جو لکيل آهي. هن لغت ۾، الف-بي وار ترتيب ۾ داخلائون ڏيڻ بدران، سُر وار، هڪ هڪ بيت ڏئي، ان بيت جي مختلف لفظن جي معنيٰ، بيت ۾ آيل جڳهه جي ترتيب موجب، ڏني وئي آهي، جنهن سان هيءَ لغت اهڙو 'شاهه جو رسالو' بڻجي پوي ٿي، جنهن ۾ معنائن تي گهڻو ڌيان مرڪوز ڪيو ويو هجي. جن لفظن جي معنيٰ آندي وئي آهي، تن کي بيتن ۾ وائين منجهه، نيري رنگ سان نمايان ڪيو ويو آهي. لغت جو مواد، ٻن ڪالمن ۾، صفحي ٣١ کان شروع ٿي، پڇاڙڪي صفحي ٣٠٧ تي پورو ٿئي ٿو. ان لغت ۾، مختلف پڙهڻين کي پڻ داخلائن ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

انهن ڇپيل لغتن کان سواءِ، ڪِن قلمي لطيفي لغتن جو ذڪر پڻ ادبي تاريخن ۽ تحقيقي مقالن ۾ ملي ٿو، جن ۾ مولوي هدايت الله هالائيءَ (١٨٥٩-١٩٣٥ع) جي جوڙيل سنڌي-فارسي لغت 'شاهه جي رسالي جي لغت' آهي، جنهن ۾ شاهه جي رسالي جي ڏکين لفظن جي فارسيءَ ۾ معنيٰ ڏنل آهي. جيڪڏهن اها لغت ڇپجي ها ته پڪ سان هڪ اهم لغت ثابت ٿئي ها. ٻي لغت، قاضي فقير محمد 'قانع' (١٨٦٢-١٩٣٧ع) جي مرتب ڪيل 'سلڪ مرواريد' آهي. هُن 'شاهه جو رسالو' پڻ ترتيب ڏنو، جنهن دوران اهڃن لفظن جون معنائون پڻ لکندو ويو. ان حوالي سان، ڊاڪٽر هدايت پريم لکي ٿو: "قاضي فقير محمد قانع نه صرف شاهه جو رسالو جوڙي، ترتيب ڏئي تيار ڪيو پر شاهه جي رسالي ۾ آيل ڏکين لفظن جي هڪ لغت پڻ تيار ڪئي، جنهن جو نالو رکيائين 'سلڪ مرواريد'، جنهن جي معنيٰ آهي 'موتين جي لڙهي'. افسوس ته هيءَ لغت فقط ١٩ سرن تي مشتمل آهي. قاضي صاحب هيءَ لغت ١٥ مئي ١٩٣٦ع ۾ لکي. سندس وفات ٢٥ جنوري ١٩٣٧ع تي ٿي. شايد سندس علالت سبب لغت پوري نه ٿي سگهي."(٧)

"ناميارى لغت نويس ۽ لوڪ ادب جي ماهر، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي (١٩١٩-١٩٩٠ع) پڻ 'شاهه جي رسالي' جي 'اشتقاقي لغات لطيف' جوڙڻ جو ڪم ١٩٥٢ع ڌاري شروع ڪيو، جنهن کي ١٩٦٠ع جي ڏهاڪي ۾ اڳتي وڌايائين، پر اِن اهم ڪم کي ان ڪري تڪميل تي نه پهچائي سگهيو، جو هن چاهيو پئي ته ان لغت کان اڳ لوڪ ادب جي



Shah Abdul Latif Bhittai Chair

تحقيق کي ممڪن حد تائين نبيري وٺي، تہ جيئن اهو علمي ڪم پڻ ’اشتقاقي لغات لطيف‘ ۾ ڪتب آڻي سگهي. افسوس تہ سندس وفات سبب اهو اهم ڪم اڌ ۾ رهجي ويو. ڊاڪٽر سنڌيلي ان اشتقاقي لغت جو ڪم ’جھ‘ اکر تائين پورو ڪيو هو، جيڪو ١٥٠ ڪن صفحن تي پکڙيل آهي. خوشيءَ جي ڳالھ آهي تہ هاڻي اها لغت ڇپائيءَ جي مرحلي ۾ آهي.“(٨) ”سنڌيلي صاحب جي ان لغت ۾ ڪوجيل لفظن جي وئتپتيءَ کي ’جامع لغات لطيف‘ (٢٠١٨ع) ۾ پڻ ڪتب آندو ويو آهي.“(٩)

**محمد يعقوب آغا** پاران، انگريزي ٻوليءَ ۾، نثر ۾ ڪيل شاھ جي ترجمي ‘Shah Jo Risalo alias Ganje Latif’ (شاھ جو رسالو عرف گنج لطيف) (ٽن جلدن ۾) جو پهريون ڇاپو ١٩٨٥ع ۾: مجلد: ڊبل ڪرائون سائز ۾: ٧٦٤ صفحن تي مشتمل: ١٠٠٠ رپين جي قيمت ۾: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد، مان ڇپجي: شاھ عبداللطيف ڀٽ شاھ ڪلچرل سينٽر ڪميٽي، حيدرآباد، پاران پڌرو ٿيو. محمد حبيب سنائي ان رسالي جي حوالي سان، لطيفي سنڌي-انگريزي لغت بابت لکي ٿو: ”هن پنهنجي مهاڳ ۾ لکيو آهي تہ شاعريءَ جي ترجمي سان گڏ هن رسالي جي ٦٠٠٠ کان وڌيڪ ڏکين لفظن جي ڊڪشنري سنڌي توڙي انگريزيءَ ۾ تيار ڪئي آهي. اها ڊڪشنري اڃا تائين شايع نہ ٿي آهي.“(١٠) ٽن جلدن ۾ ڇپيل ان ترجمي جو ٻيو ڇاپو ٢٠٠٤ع ۾، هڪ ئي جلد ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. ان رسالي جو نئون ڇاپو ٢٠١٦ع ۾ ڇپيو. ان ڇاپي ۾ آيل ‘Preface’ (پيش لفظ) ۾، محمد يعقوب آغا ان لغت بابت آگاهي ڏيندي، لکي ٿو:

“I prepared a fairly large dictionary of difficult words of the Risalo in the colloquial Sindhi and English languages. It contains more than 6000 words. I have traced therein the origin of the non-Sindhi words used by Shah. I hope it would be quite useful to students of the Risalo.”(11)

يعني تہ، ’مون رسالي جي اهنجن لفظن جي رواجي سنڌي ۽ انگريزي ٻولين ۾ هڪ چڱي وڏي لغت جوڙي آهي، جا ڇھ هزار کان وڌيڪ لفظن تي مشتمل آهي. مون ان ڏس ۾ شاھ پاران ڪتب آندل ڌارين لفظن جا بنيادي يا ڌاتو ڳولهي ڪڍيا آهن. مون کي اميد آهي تہ اها لغت رسالي جي شاگردن لاءِ پوريءَ ريت ڪارائتي ٿيندي.‘ افسوس، تہ اها لغت ڇپائيءَ هيٺ اچي نہ سگهي.





**’شاھ جي رسالن‘ ۽ ان جي ترجمن ۾ آندل اهنجن لفظن جون معنائون:**

شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪن ’رسالن‘ ۾ معنائون ڏنل آهن تہ ڪن ۾ صرف بيت ۽ وائيون آندل آهن. هيٺ، فقط انهن ’شاھ جي ڇپيل رسالن‘ جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جن ۾ اهنجن لفظن جون معنائون شامل ڪيل آهن.

**مرزا قليچ بيگ** جي مرتب ڪيل ڪتاب ’رسالہ شاھ عبداللطيف ڀٽائي‘ جو پهريون ڇاپو ١٩١٣ع ۾، ٻيو ڇاپو ١٩٢٣ع ۾، ٽيون ڇاپو ١٩٥٠ع ۾ ۽ چوٿون ڇاپو ١٩٥١ع ۾ ڇپيو. مرزا صاحب ان رسالي جي لغت ’لغاتِ لطيفي‘ جي نالي سان ١٩١٤ع ۾ ڇپرائي. پهرين ٽن ڇاپن جو چوٿون عڪسي ڇاپو ١٩٩٤ع ۾: ڊيمي سائز ۾: غير مجلد: ١٢+٢+٩٢٢ صفحن تي مشتمل: الائيڊ بڪ ڪمپني، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچيءَ، مان ڇپجي، سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري، حيدرآباد، پاران پڌرو ٿيو، جنهن ۾ فوٽ نوٽ ۾ مختلف شعرن جي ڪِن لفظن جون ٻيون پڙهڻيون ڏنل آهن. ان ئي ڇاپي جو ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ سان، ٻيو ڇاپو (درحقيقت ڇهون ڇاپو) ٢٠٠٧ع ۾: ڊيمي سائز ۾: غير مجلد: ٢٠٠٠ع جي تعداد ۾: ٦٤٨ صفحن تي مشتمل: ٣٠٠ رپين جي قيمت ۾: سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد پاران ڇپيو، جيڪو حقيقت ۾ ان اداري پاران ٻيو ڇاپو هو. مرزا قليچ بيگ جي ’شاھ جي رسالي‘ جو هڪ ڇاپو (درحقيقت چوٿون ڇاپو) ١٩٥١ع ۾: ڊيمي سائز ۾: ١٥ رپين جي قيمت ۾: محمد يوسف برادرس، بڪ سيلرس، پاران پڌرو ٿيو. هيءُ ڇاپو مواد ۾ قليچ بيگ جي ٻين ڇپيل ’شاھ جي رسالن‘ کان سٽاءَ ۾ مختلف آهي. هن رسالي ۾، هر هڪ صفحي جي آخر ۾، مختلف اهنجن لفظن جون معنائون ڏنل آهن.

**ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻيءَ** (١٨٨٣-١٩٤٧ع) جي مرتب ڪيل ’شاھ جو رسالو‘ ٽن جلدن ۾ مرتب ڪيو، جنهن جي هر جلد ۾، هر سُر جي پٺيان ڏکين لفظن جون معنائون ۽ انهن جا ڌاتو ڏنل آهن. ٽنهي جلدن ۾ جُملي ارڙهن سر شامل آهن. اڻ تصديق نموني، مختلف اديبن ۽ محققن جي لکڻين ۾ اهو ذڪر آيل آهي تہ گربخشاڻي صاحب ’چوٿون جلد‘ بہ ترتيب ڏنو هو، جيڪو موجوده وقت تائين گم آهي. امڪان آهي تہ ان جلد جي ڇپائيءَ لاءِ اڃا پريس ڪاپي ٺهي سگهي نہ هوندي. ان بابت عبدالحميد آخوند، سيڪريٽري شاھ عبداللطيف ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز طور، لکي ٿو: ”ڪيترن عالمن جو چوڻ آهي تہ ڊاڪٽر گربخشاڻي جي رسالي جو چوٿون حصو عثمان انصاريءَ وٽ هيو. علامہ دائود پوٽي پنهنجي هڪ مقالي ۾ لکيو آهي تہ عثمان علي انصاريءَ وٽ

شاهه صاحب جي رسالي جا نادر نسخا هئا، پر انصاري صاحب ان کان انڪار ڪيو.“[۱۲]
گربخشاڻي صاحب جي جوڙيل انهن ٽن جلدن مان، ’جلد-۱‘ جو پهريون ڇاپو ۱۹۲۳ع ۾: ڊيمي سائز ۾: ’مُنڍ‘ جي ڇئن صفحن ۽ ’مقدمي، متن، معنيٰ ۽ شرح‘ جي ۴۹۲ صفحن تي مشتمل: ڪمشنرس پرنٽنگ پريس، ڪراچيءَ، مان ڇپجي، مؤلف پاران پڌرو ٿيو: جنهن ۾ ۳۲۱ صفحي کان پڇاڙيءَ تائين، سُر وار، بيتن ۽ وائين جي ترتيب موجب، اهنجن لفظن جون معنائون ۽ سمجهاڻيون ڏنل آهن، جن مان، ڪيترن ئي لفظن جا اشتقاق پڻ ڏنا ويا آهن. ’جلد-۱‘ ۾ هي پنج سُر شامل آهن: ڪلياڻ، يمن ڪلياڻ، کنڀات، سريراڳ ۽ سامونڊي. ’جلد-۲‘ جو پهريون ڇاپو ۱۹۲۴ع ۾: ڊيمي سائز ۾: ’مُنڍ‘ جي ٻن صفحن ۽ متن جي ۵۰۱ صفحن تي مشتمل ڇپيو، جنهن ۾ ۲۹۹ صفحي کان پڇاڙيءَ تائين، ’جلد-۱‘ وانگر معنائون ڏنل آهن. ’جلد-۲‘ ۾ هي ڇهه سُر شامل آهن: سهڻي، سسئي آبري، معذوري، ديسي، ڪوهياري ۽ حسيني. ’جلد-۳‘ جو پهريون ڇاپو ۱۹۳۱ع ۾: ڊيمي سائز ۾: ’مُنڍ‘ جي ٻن صفحن ۽ متن جي ۵۱۵ صفحن تي مشتمل ڇپيو، جنهن ۾ ۱۹۵ صفحي کان پڇاڙيءَ تائين، ’جلد-۱ ۽ ۲‘ وانگر معنائون ڏنل آهن. ’جلد-۳‘ ۾ هي ست سُر شامل آهن: ليلا چنيسر، مومل راڻو، مارئي، ڪاموڏ، گهاتو، سورٺ ۽ ڪيڏارو. انهن جلدن مان، ’جُلد-۱‘ جو ٻيو ڇاپو ۱۹۶۷ع ۾: ڊيمي سائز ۾: ۲۰۰۰ جي تعداد ۾: ۴۹۲ صفحن تي مشتمل: ۱۵ رپين جي قيمت ۾: حيدري پرنٽنگ پريس، لجپت روڊ، حيدرآباد، مان ڇپجي: اداره آواز ادب، الهداد چنڊ جو ڳوٺ، حيدرآباد، پاران پڌرو ٿيو، جيڪو مهڙين ۸ صفحن ۽ ’مقدمي، متن ۽ معنيٰ ۽ شرح‘ جي ۴۹۲ صفحن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ صفحي ۳۲۱ کان پڇاڙڪي صفحي ۴۹۲ تائين اهنجن لفظن جون معنائون ۽ سمجهاڻيون ڏنيون ويون آهن. انهن ٽنهي جلدن مان مختلف سُر الڳ الڳ پڻ معنيٰ ۽ سمجهاڻيءَ سميت ڇپيا. ٽنهي الڳ ڇپيل جُلدن کي گڏي، هڪ ئي ڪتاب ۾، ’شاهه جو رسالو‘ (ٽن جلدن ۾) جي نالي سان، ڪيئي ڀيرا ڇپيو ويو آهي، جن جي ممڪن مليل ’ڄاڻوڪي‘ (Data) هتي ڏجي ٿي. شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪميٽي، ڀٽ شاهه/حيدرآباد، پاران، ’شاهه جو رسالو‘ (هڪ جلد ۾) پهرئين ڇاپي طور، ۱۹۷۹ع ۾: ۸۱۴ صفحن تي مشتمل: ۲۰۰۰ جي تعداد ۾ ڇپيو. ساڃاءَ اداري پاران ٻيو ڇاپو ۱۹۸۵ع ۾: مجلد: ڊبل ڪرائون سائز ۾: ۲۰۰۰ جي تعداد ۾: مهڙين ۱۲ صفحن ۽ مقدمي ۽ متن جي ۸۱۴ صفحن تي مشتمل: اڇي ڪاغذ تي ۱۲۵ رپين ۽ سادي





ڪاغذ تي نوي رپين جي قيمت ۾: نفيس پرنٽنگ پريس، لجپت روڊ، حيدرآباد مان ڇپجي پڌرو ٿيو، جنهن ۾ ٽنهي جلدن موجب معنائون آندل آهن. ان رسالي جو ٽيون ڇاپو ۱۹۹۲ع ۾ ڇپيو. ان جو چوٿون ڇاپو ۲۰۱۲ع ۾: مجلد: ڊبل ڪرائون سائز ۾: ۸۳۸ صفحن تي مشتمل: ۶۰۰ رپين جي قيمت ۾: نئون نياپو اڪيڊمي، سچل ڳوٺ، ڪراچي مان ڇپجي: ثقافت کاتي، سنڌ، پاران پڌرو ٿيو، جنهن ۾ صفحي ۳۶۹ کان وٺي صفحي ۸۳۸ تائين رسالي جي لغت ڏنل آهي. نيرون پبليڪيشن، ڪراچي-حيدرآباد-سکر، پاران ’شاهه جي رسالي‘ جو هڪ ڇاپو جولاءِ ۱۹۹۳ع ۾: ڊبل ڪرائون سائز ۾: ۱۰۰۰ جي تعداد ۾: ۷۸۰ صفحن تي مشتمل: ۱۵۰ رپين جي قيمت ۾: ايم واءِ پرنٽرس ڪراچيءَ مان ڇپجي پڌرو ٿيو. روشني پبليڪيشن، ڪنڊياري، پاران: ’شاهه جي رسالي‘ جو پنجون ڇاپو آگسٽ ۱۹۹۳ع ۾: مجلد: ڊبل ڪرائون سائز ۾: ۶۸۸ صفحن تي مشتمل: ۲۲۵ رپين جي قيمت ۾: اُوچي ڪاڳر تي: سهيل آرٽ پريس، ڪراچيءَ مان ڇپجي پڌرو ٿيو. ان ڇاپي ۾، معنائن جي هر جلد جي پڇاڙيءَ ۾ آيل بيهڪ کي بدلائي، هر هڪ سُر جي پنيان، داستان ۽ بيت جي نمبر موجب، اهنجن لفظن جون معنائون ڏنيون ويون آهن. ان جو ڇهون ڇاپو، ساڃاءَ اداري پاران، جنوري ۱۹۹۶ع ۾: مجلد: ڊبل ڪرائون سائز ۾: ۶۸۷ صفحن تي مشتمل: سهيل آرٽ پريس، ڪراچيءَ، مان ڇپجي پڌرو ٿيو. ’رسالي‘ جو ڇهون ڇاپو ۲۰۰۵ع ۾: مجلد: ڊبل ڪرائون سائز ۾: ۶۸۷ صفحن تي مشتمل: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد، مان ڇپجي پڌرو ٿيو. هن گڏيل جلد ۾، هر سُر جي پنيان، داستانن، بيتن ۽ وائين جي ترتيب موجب، ڏکين لفظن جي معنيٰ ۽ شرح ڏني وئي آهي. سنڌ تحقيقي بورڊ، حيدرآباد، پاران: ٽنهي جلدن جو گڏيل ڇاپو، پهرئين ڇاپي طور، مارچ ۲۰۰۴ع ۾: مجلد: ڊيمي سائز ۾: ۶۸۷ صفحن تي مشتمل ڇپيو. سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، پاران: ٽنهي جلدن جو گڏيل ڇاپو، نئين ڇاپي طور، ۲۰۰۸ع ۾: مجلد: ڊيمي سائز ۾: سادي ڪاغذ تي: ۷۸۹ صفحن تي مشتمل ڇپيو، جنهن ۾ ۳۷۷ صفحي کان وٺي ۷۸۹ صفحي تائين لفظن جون معنائون ۽ سمجهاڻيون ڏنل آهن. هن ڇاپي ۾، شروعاتي اٺن صفحن جي انگن ۾ غلطيءَ سبب، ڇهن صفحن کان پوءِ ۱۵ صفحي کان انگ آيل آهن. گربخشاڻي صاحب جي ڪم جي ميڄتا ۾، ٽنهي جلدن جي پهرئين ڇاپي جا الڳ الڳ عڪسي ڇاپا، ٻئي ڇاپي طور، اپريل ۲۰۱۸ع ۾: مجلد: ثقافت کاتي، حڪومت سنڌ، ڪراچيءَ، پاران ڇپيا ويا، جن جي مُنڍ ۾ ۲۰ صفحن جو اضافو ڪيل آهي، جنهن



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

۾، سيڪريٽري ثقافت کاتي، غلام اڪبر لغاريءَ جو لکيل 'پبلشر نوٽ' ۽ مدد علي سنڌيءَ جو لکيل مهاڳ شامل آهي.

**عثمان علي انصاريءَ** (۱۹۰۱-۱۹۶۲ع) جي ترتيب ڏنل 'شاهه جي رسالي' جو پهريون ڇاپو ۱۹۴۸ع ۾: ۱۸۰ صفحن تي مشتمل: سنڌي ادبي ساهت، ڪراچيءَ، پاران ڇپيو.[13] ان ڇاپي جي تصديق ٿي نه سگهي آهي. ان 'رسالي' جو هڪ ڇاپو 'پهرين ڇاپي طور' ۱۹۹۷ع ۾: مجلد: ڊيمي سائز ۾: ۱۰۰۰ جي تعداد ۾: ۴۰۰ رپين جي قيمت ۾: علمي پرنٽرس، ڪراچيءَ مان ڇپجي: شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز پاران پڌرو ٿيو. جنهن ۾ رسالي جي آخر ۾، صفحي ۵۶۱ کان ۸۱۶ تائين، 'ڏکين لفظن جي معنيٰ' جي عنوان سان، اهڃن لفظن جون معنائون ٻن ڪالمن ۾ ڏنل آهن. ان ۾، عبدالحميد آخوند پاران لکيل 'ناشر پاران' ۽ غلام رباني آگري پاران لکيل 'پيش لفظ' منجهان معلوم ٿئي ٿو ته هيءُ رسالو اڻ ڇپيل هيو، جنهن کي پهريون ڀيرو ڇپيو پيو وڃي، معنيٰ ته ان رسالي جو پهريون ۱۹۴۸ع ۾ ڇپيل ڇاپو مشڪوڪ آهي. ان رسالي جو ٻيو ڇاپو جُون ۲۰۱۳ع ۾: مجلد: ڊيمي سائز ۾: ۱۰۰۰ جي تعداد ۾: ۷۱۴ صفحن تي مشتمل: ۶۰۰ رپين جي قيمت ۾: پيڪاڪ پرنٽرز، ڪراچي، ۾ ڇپجي: ثقافت کاتي، حڪومت سنڌ، ڪراچي، پاران پڌرو ٿيو. جنهن ۾ صفحي ۶۶۳ کان ۷۱۴ تائين، 'ڏکين لفظن جون معنائون' ٻن ڪالمن ۾ ڏنل آهن.

**غلام محمد محمد ابراهيم شاهواڻيءَ** جي مرتب ڪيل 'رسالو شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو عرف شاهه جو رسالو' جو پهريون ڇاپو ۱۹۵۰ع ۾: ڊيمي سائز ۾: ۸+۱۳۰۹=۱۳۱۷ صفحن تي مشتمل: ۲۰ رپين جي قيمت ۾: آفتاب (اليڪٽرڪ) پرنٽنگ پريس، شاهي بازار، حيدرآباد، سنڌ، مان ڇپجي پڌرو ٿيو. اهو رسالو مؤلف پاڻ ڇپرائي پڌرو ڪيو. ان ۾ مهاڳ ۽ مقدمو مؤلف پاران لکيل آهن. منجهس صفحي نمبر ۶۱ کان وٺي صفحي نمبر ۱۳۰۶ تائين، هر هڪ صفحي جي پڇاڙيءَ ۾ اوکن لفظن جون معنائون شامل ڪيل آهن. آر. ايڇ احمد اينڊ برادرس، شاهي بازار، حيدرآباد، پاران، ان رسالي جو ٻيو ڇاپو، ٻن ڀاڱن ۾، ۱۹۶۰ع ۾: ڊيمي سائز ۾: پڌرو ٿيو. جن مان پهريون ڀاڱو ۶۶۷ صفحن تي مشتمل آهي ۽ ٻيو ڀاڱو ۶۶۹ کان ۱۳۱۲ صفحن تي مشتمل آهي. سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچيءَ، پاران ان رسالي جو هڪ ڇاپو، ۱۹۹۳ع ۾: مجلد: ڊيمي سائز ۾: ۹۰۹ صفحن تي مشتمل: ۲۵۰ رپين جي قيمت ۾: آزاد ڪميونيڪيشنز، ڪراچي





مان ڇپيو. ان ڇاپي ۾، ممتاز مرزا ۽ عبدالرحمان نقاش، 'رسالي' جي پهرئين ڇاپي ۾ ڇپيل صورتخطيءَ کي 'موجوده مروج صورتخطيءَ' ۾ ڦيرائي، معنائن ۽ سمجهاڻين جي واڌارن سان پيش ڪيو. ان ڇاپي ۾، صفحي ۶۱ کان وٺي آخر تائين، صفحي جي پڇاڙيءَ ۾ لفظن جون معنائون ۽ سمجهاڻيون ڏنل آهن. ساڳئي اداري پاران ان 'رسالي' جو ٻيو ڇاپو ۲۰۰۵ع ۾: ڊيمي سائز ۾: ۹۰۹ صفحن تي مشتمل: ۳۵۰ رپين جي قيمت ۾: ذڪي سنز پرنٽرس، ڪراچيءَ مان ڇپجي پڌرو ٿيو. شاهواڻي صاحب واري مرتب ڪيل 'شاهه جي رسالي' جي پهرئين ڇاپي تان، نئون ڇاپو، روشني پبليڪيشن، ڪنڊياري، پاران ۱۹۹۳ع ۾: مجلد: ڊيمي سائز ۾: ۱۲۱۶ صفحن تي مشتمل: ۲۵۰ رپين جي قيمت ۾: سهيل آرٽ پريس، ڪراچيءَ مان ڇپجي پڌرو ٿيو.

**مولانا غلام مصطفيٰ قاسميءَ** (۱۹۱۲-۲۰۰۳ع)[14] جو مرتب ڪيل 'شاهه جو رسالو' (ٻن جلدن ۾): جُملي ۳۶ سُرن تي مشتمل: ۱۹۵۱ع ۾: بشير احمد اينڊ سنز، ڪراچي، پاران ڇپيو. هر هڪ جلد ۳۸۴ صفحن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ اهڃن لفظن جون معنائون ڏنل آهن. قاسمي صاحب جي 'شاهه جي رسالي' جو هڪ ٻئي جلد ۾: پهريون ڇاپو ۱۹۹۹ع ۾: مجلد: ڊيمي سائز ۾: ۱۱۰۰ جي تعداد ۾: ۸۶۴ صفحن تي مشتمل: ۲۵۰ رپين جي قيمت ۾: مهراڻ اڪيڊمي، شڪارپور، پاران ڇپيو. جنهن ۾ حاشيي ۾، بيتن ۽ وائين جي سٽن پرسان اهڃن لفظن جون معنائون ڏنل آهن. ان 'شاهه جي رسالي' جو ٻيو ڇاپو جنوري ۲۰۰۸ع ۾: ڊبل ڪرائون سائز ۾: ۱۱۰۰ جي تعداد ۾: ۷۲۲ صفحن تي مشتمل: سادي ايڊيشن طور ۳۰۰ رپين ۾ ۽ اعليٰ ايڊيشن طور ۵۰۰ رپين ۾: مهراڻ اڪيڊمي، شڪارپور، پاران ڇپيو. جنهن ۾ هر هڪ بيت ۽ وائيءَ پرسان آنڌل ڪالم ۾، اهڃن لفظن جون معنائون ڏنيون ويون آهن. ان رسالي جو هڪ عڪسي ڇاپو، جُون ۲۰۰۹ع ۾: ڊبل ڪرائون سائز ۾: ۱۱۰۰ جي تعداد ۾: ۷۲۲ صفحن تي مشتمل: ۵۰۰ رپين جي قيمت ۾: مهراڻ اڪيڊمي، شڪارپور، پاران ڇپيو، جنهن ۾ هر هڪ بيت ۽ وائيءَ پرسان آنڌل ڪالم ۾، اهڃن لفظن جون معنائون ڏنل آهن.

**پروفيسر جهمٽمل خوبچند پاوناڻيءَ** جي مرتب ڪيل 'ڪامل جو ڪلام' (شاهه عبداللطيف جو رسالو - ترتيب وار سوڏيل) جو پهريون ڇاپو نومبر ۱۹۵۴ع ۾: ڪرائون سائز ۾: ۴+۶+۲۷۴=۲۸۴ صفحن تي مشتمل: ٽن رپين جي قيمت ۾: نورشتن پريس، بمبئي-۱، مان ڇپجي: هندستان ساهتيہ مالا، بمبئي، انڊيا، پاران پڌرو ٿيو. هي ڪتاب

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

مهاڳ کان پوءِ هنن ’پنجن داستانن‘ ۾ ورڇيل آهي: ’ڏٽيءَ جو ڏَور، دنيا جو ڏَور، درد جو ڏَور، دل جو ڏَور ۽ سونيون سِٽون.‘ ان ڪتاب ۾، مختلف بيتن هيٺان، اهنجن لفظن جون معنائون ڏنل آهن.

**ڪلياڻ آڏواڻيءَ** (۱۹۱۱ع-۱۹۹۴ع) جي مرتب ڪيل ۽ ۳۰ سُرن تي مشتمل ’شاهه جي رسالي‘ جو پهريون ڇاپو ۱۹۵۸ع ۾: ۴۷۸ صفحن تي مشتمل: هندستان ڪتاب گهر، بمبئي، مان ڇپيو: جنهن ۾، هر هڪ صفحي جي پڇاڙيءَ ۾، اهنجن لفظن جون معنائون ڏنل آهن. ان ’رسالي‘ جو مجمل صورت ۾ هڪ ڇاپو ۱۹۶۱ع ۾: ساڳي اداري پاران پڻ ڇپيو. هن رسالي ۾، هر هڪ بيت آڏو عام نثر ۾ سولي سمجهاڻيءَ ڏني وئي آهي، جنهن ڪري هي رسالو سنڌ ۽ هند ۾ بيحد مقبول ٿيو ۽ ان جا ڪيترائي ڇاپا ڇپيا. ميسر ٿي سگهيل ڄاڻ هتي ونڊجي ٿي. مڪتبہ اسحاقيہ، جهونا مارڪيٽ، ڪراچي، پاران هن ’شاهه جي رسالي‘ جو ڇاپو ۱۹۷۶ع ۾: مجلد: ڊبل ڪرائون سائز ۾: ۲+۳۰+۴۶۷=۴۹۹ صفحن تي مشتمل: جاويد پريس، ڪراچيءَ مان ڇپجي پڌرو ٿيو. ساڳئي اداري پاران ’شاهه جو رسالو‘ (مختصر) پهريون ڇاپو ۱۹۷۶ع ۾: ۴۶۸ صفحن تي مشتمل ڇپيو. مڪتبہ بُرهان، اردو بازار، ڪراچيءَ، پاران: ساڳيو مڪتبہ اسحاقيہ وارو ڇاپو ۱۹۷۶ع ۾ ڇپيو ويو. (مڪتبہ برهان ڪراچي پاران ان رسالي جا ٻيا بہ ڪيترائي ڇاپا ڇپيا ويا آهن، جن تي ڇاپو نمبر ۽ ڇپائيءَ جو سال ڏنو نہ ويو آهي.) سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت، حيدرآباد، پاران، ان رسالي جو هڪ ڇاپو ۱۹۷۸ع ۾: ڊيمي سائز ۾: ۲۰۰۰ جي تعداد ۾: ۲+۱۰+۴۷۸ صفحن تي مشتمل: ڇپيو، جنهن ۾، فوٽ نوٽ ۾ ڏکين لفظن جون معنائون ڏنل آهن. اَستان لطيف سماجي تنظيم (الست)، دڙي، پاران ان ’رسالي‘ جو هڪ ڇاپو، غير مجلد: ڊبل ڪرائون سائز ۾: ۱۶+۴۸۰ صفحن تي مشتمل: ۱۰۰ رپين جي قيمت ۾: ڇپيو، جنهن تي ڇپائيءَ جو سن ڏنل نہ آهي. سنڌ تحقيقي بورڊ، حيدرآباد، پاران: ان ’رسالي‘ جو ’ٻيو‘ ڇاپو ۱۹۹۱ع ۾: ڊيمي سائز ۾: ۴+۴۷۸ صفحن تي مشتمل: ۱۲۵ رپين جي قيمت ۾: احمد برادرز، ڪراچيءَ مان ڇپجي پڌرو ٿيو. هيءُ ڇاپو ’سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت‘ پاران ڇپرايل ڇاپي جو عڪسي ڇاپو آهي. ساڳئي اداري پاران، ان ’رسالي‘ جي ٽئين ڇاپي طور هڪ ڇاپو: سيپٽمبر ۱۹۹۹ع ۾: ڊائجسٽ سائز ۾: غير مجلد: ۴۷۸ صفحن تي مشتمل: ۱۰۰ رپين جي قيمت ۾ ڇپيو، جنهن ۾ هر هڪ صفحي هيٺان اهنجن لفظن جون معنائون ڏنل آهن. سنڌيڪا



Shah Abdul Latif Bhitai Chair



اڪيڊمي، ڪراچي، پاران ان رسالي جو ’پهريون‘ ڇاپو ۲۰۰۶ع ۾ ڇپيو ۽ ’ٻيو‘ ڇاپو ۲۰۰۹ع ۾: مجلد: ڊيمي سائز ۾: ۵۶۷ صفحن تي مشتمل: ۲۵۰ رپين جي قيمت ۾ سادو ڇاپو: آزاد ڪمينيڪيشنز، ڪراچي، مان ڇپيو. روشني پبليڪيشن، ڪنڊياري، پاران: ان ’رسالي‘ جو هڪ ڇاپو، ۱۹۹۱ع ۾: ڊبل ڪرائون سائز ۾: ۱۶+۴۸۰=۴۹۶ صفحن تي مشتمل: ۱۵۰ رپين جي قيمت ۾: سهيل آرٽ پريس ڪراچيءَ مان ڇپيو. حقيقت ۾ هيءُ ڇاپو اَستان لطيف سماجي تنظيم (الست)، دڙي، پاران ڇپرايل ڇاپي جو عڪسي ڇاپو آهي. ساڳئي اداري پاران ’شاهه جو رسالو [معنيٰ سان]‘ نالي سان، ’پهريون ڇاپو‘ ۱۹۹۷ع ۾: مجلد: ڪرائون سائز ۾: ۴۷۸ صفحن تي مشتمل: ۱۲۰ رپين جي قيمت ۾: فائين ڪميونيڪيشن حيدرآباد مان ڇپيو، جنهن ۾ فوٽ نوٽ ۾ معنائون درج ڪيل آهن. هن رسالي جي ٽيڪنيڪل صفحي تي سنواريندڙ طور گل محمد تنيي جو نالو ڇپيل آهي. ’پنهنجي پاران‘ ۾ گل محمد تنيو لکي ٿو: ”مانواري آڏواڻيءَ جن جو هر بيت سامهون معنيٰ ڏيڻ مان مقصد ئي هئو، هر سنڌيءَ کي شاهه جي شعر ۾ سمايل مفهوم سمجهائڻ. ان مقصد کي سامهون رکندي مون اهڙن متروڪ لفظن جا تُز متبادل ڏيڻ لاءِ ڪوشش ورتي آهي. مثال طور: آنند = آرام. اِستري = عورت. ايڪانت / خلوت. پتني = زال. شانتي = سڪون. ڪاتر = خاطر. ورداتا = تقدير. وويڪ = ضمير، وغيره.“[۱۵] روشني پبليڪيشن پاران ئي، ’رسالي‘ جو ’ٻيو‘ ڇاپو ۲۰۰۷ع ۾: مجلد: ڊيمي سائز ۾: ۴۴۵ صفحن تي مشتمل: ۲۲۵ رپين جي قيمت ۾ اوچو ڇاپو: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد، مان ڇپيو. ساڳئي اداري پاران ان رسالي جو ’چوٿون‘ ڇاپو ۲۰۰۹ع ۾: مجلد: ڊبل ڪرائون سائز ۾: ۴۸۷ صفحن تي مشتمل: ۴۵۰ رپين جي قيمت ۾ ڇپيو. ساڳئي اداري پاران ان ’رسالي‘ جو ’پهريون‘ ڇاپو ۲۰۱۰ع ۾: مجلد: ڊيمي سائز ۾: اخباري ڪاغذ تي: ۶۰۰ صفحن تي مشتمل: ۲۲۵ رپين جي قيمت ۾: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد، مان ڇپيو. ان کان سواءِ هن ’رسالي‘ جو هڪ ڇاپو ۲۰۱۳ع ۾: مجلد: ڊبل ڪرائون سائز ۾: ۳۸۳ صفحن تي مشتمل: ۵۰۰ رپين جي قيمت ۾: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد، مان ڇپجي پڌرو ٿيو، جنهن ۾ صفحي ۱۳ کان صفحي ۳۸۲ تائين، هر صفحي جي پڇاڙيءَ ۾ اهنجن لفظن جون معنائون آندل آهن، جڏهن تہ بيتن ۽ وائين جي سمجهاڻي منجهس شامل ڪيل نہ آهي.

**علامہ آءِ. آءِ. قاضيءَ (امداد علي امام علي قاضي)** جو مرتب ڪيل ۽ ۲۹ سُرن



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

تي مشتمل 'شاھ جو رسالو' جو پهريون ڇاپو ١٩٦١ع ۾: مجلد: ڊيمي سائز ۾: ٢٠٠٠ جي تعداد ۾: مهڙين اٺن، متن جي ٨٧٠ صفحن، پلنامي جي اٺن صفحن، ۽ ڇئن انگريزي پڇاڙڪن صفحن تي مشتمل: ١٠ رپين جي قيمت ۾: سنڌي ادبي بورڊ پريس، حيدرآباد، مان ڇپجي: سنڌي ادبي بورڊ پاران پڌرو ٿيو. 'رسالي' جي آخر ۾، صفحي ٨٢١ کان ٨٧٠ تائين، ٻن ڪالمن ۾، الف-بي وار 'معنيٰ جي پَٽي' ڏنل آهي، جنهن ۾ اهنجن لفظن جو معنائون ڏنل آهن. ساڳئي اداري پاران ان 'رسالي' جو ٻيو ۽ ٽيون ڇاپو بہ ڇپيا، جن مان، 'رسالي' جو ٻيو ڇاپو ١٩٨٦ع ۾: مجلد ٢٠٠٠ جي تعداد ۾: ٨+٨٧٠ صفحن تي مشتمل: ١٠٠ رپين جي قيمت ۾: ڇپيو. ٻئي ڇاپي ۾ پڇاڙڪا انگريزي صفحا شامل نہ آهن. 'رسالي' جو ٽيون ڇاپو ١٩٩٣ع ۾: ڊيمي سائز ۾: مجلد: ٥٠٠٠ جي تعداد ۾: مهڙين اٺن ۽ متن جي ٨٧٠ صفحن تي مشتمل: سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشوري/حيدرآباد، پاران ڇپيو.

**ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ** پاران تصحيح ۽ تحقيق ڪيل برٽش ميوزيم، لنڊن، واري 'شاھ جو رسالو' جو پهريون ڇاپو ١٩٦٩ع ۾ ڇپيو. ان 'رسالي' جو ٻيو ڇاپو ٢٠١٤ع ۾: مجلد: ڊيمي سائز ۾: ١٠٠٠ جي تعداد ۾: ٤٢٦+٦=٤٣٢ صفحن تي مشتمل: ٤٥٠ رپين جي قيمت ۾: سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، مان ڇپجي: ثقافت کاتي، سنڌ، پاران پڌرو ٿيو. هن رسالي جي مختلف صفحن تي، فوٽ نوٽ ۾، چوند اهنجن لفظن جون معنائون ڏنيون ويون آهن.

**ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ** جي تحقيق ۽ تدوين ڪيل 'شاھ جو رسالو ـ شاھ جو ڪلام: جلد پهريون' جو پهريون ڇاپو ١٩٨٩ع ۾: مُجلد: ڊبل ڪرائون سائز ۾: ٢٠٠٠ جي تعداد ۾: اوڇي ڪاغذ تي ٢٥٠ رپين ۽ سادي ڪاغذ تي ٢٠٠ رپين جي قيمت ۾: سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس، ڄامشوري، مان ڇپجي: شاھ عبداللطيف ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاھ/حيدرآباد، پاران پڌرو ٿيو. هيءُ 'پهريون جلد' مهڙين ۽ مهاڳ جي ١٤ صفحن، مقدمي ۽ ٻن سُرن 'ڪلياڻ' ۽ 'يمن ڪلياڻ' جي مهاڳن جي ٢٣٦ صفحن، ۽ ٻنهي سرن جي متن ۽ سٽ وار سمجهاڻيءَ سميت بيتن جي پيٽن ۽ سمجهاڻيءَ، ۽ 'صحتنامي' جي ٦٢٢ صفحن، ۽ انگريزيءَ ۾ تعارف ۽ فهرست جي ستن صفحن تي مشتمل آهي. متن ۾، صفحي ١٤٠ کان ٥٩٩ تائين، بيتن ۽ وائين جي اهنجن لفظن ۽ فقرن جون معنائون ۽ سمجهاڻيون ڏنل آهن ۽ بيتن جي پيٽ ڪيل آهي.

**ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ** جي تحقيق ڪيل 'شاھ جو رسالو ـ شاھ جو

Shah Abdul Latif Bhitai Chair





ڪلام: جلد ٻيو' جو پهريون ڇاپو ١٩٩٢ع ۾: ڊبل ڪرائون سائز ۾: مُجلد: ٢٠٠٠ جي تعداد ۾: آزاد ڪميونيڪيشنز، ڪراچيءَ، مان ڇپجي: شاھ عبداللطيف ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاھ/حيدرآباد، پاران پڌرو ٿيو. هيءُ 'ٻيو جلد' مهڙين ۽ مهاڳ جي ١٠ صفحن، ۽ مقدمي ۽ متن جي ٥١٧ صفحن تي مشتمل آهي. متن ۾، صفحي ١٣٥ کان صفحي ٥١٧ تائين، رسالي جي ڇئن سُرن 'ڪنڀات، بروو، سري-راڳ ۽ ساموندي' جي بيتن ۽ وائين جي اهنجن لفظن ۽ فقرن جون معنائون ۽ سمجهاڻيون ڏنل آهن ۽ بيتن جي پيٽ ڪيل آهي.

**ڊاڪٽر محمد عالم سومرو** جي مرتب ڪيل ۽ ٣٠ سُرن تي آڌاريل 'شاھ جو رسالو' (الف-ب وار) جو پهريون ڇاپو جولاءِ ١٩٩٤ع ۾: مجلد: ڊيمي سائز ۾: ٨١١ صفحن تي مشتمل: ٢٥٠ رپين جي قيمت ۾: اسحاقيہ آرٽ پريس، ڪراچيءَ، مان ڇپجي: روشني پبليڪيشن، ڪنڊياري، پاران پڌرو ٿيو. هيءُ 'رسالو'، ڪلياڻ آڏواڻيءَ جي 'شاھ جي رسالي' کي الف-بي جي ترتيب ۾ جوڙي پيش ڪيل آهي، جنهن جي پڇاڙيءَ ۾، صفحي ٧٥٧ کان ٨١١ تائين، ٻن ڪالمن ۾، الف-بي وار 'معنيٰ جي پَٽي' ڏنل آهي، جنهن ۾ اهنجن لفظن جو معنائون ڏنل آهن. ساڳئي اداري پاران هن 'رسالي' جو ٻيو ڇاپو ٢٠١٣ع ۾: مجلد: ڊبل ڪرائون سائز ۾: ٣٦٠ صفحن تي مشتمل: ٥٠٠ رپين جي قيمت ۾: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد، مان ڇپجي پڌرو ٿيو، جنهن ۾ 'معنيٰ جي پٽي' صفحي ٣٢٣ کان صفحي ٣٦٠ تائين، ٻن ڪالمن ۾ ڏنل آهي.

**سگهڙ الهداد جنجهي** جي سهيڙيل 'شاھ جو گنج' جو پهريون ڇاپو ١٩٩٤ع ۾: ڊبل ڪرائون سائز ۾: ١٠٠٠ جي تعداد ۾: ٢٠+٥١١=٥٣١ صفحن تي مشتمل: ٣٠٠ رپين جي قيمت ۾: آڪاش پرنٽرس، گاڏي کاتي، حيدرآباد، مان ڇپرائي: سهيڙيندڙ پڌرو ڪيو، جنهن ۾ صفحي ٤٥٩ کان صفحي ٥١١ تائين، ٽن ڪالمن ۾، سُر وار، اهنجن لفظن جون معنائون ڏنل آهن. ان 'گنج' جو ڪويتا پبليڪيشن، حيدرآباد، پاران ٻيو ڇاپو، 'پهرئين ڇاپي' طور، اپريل ٢٠٠٥ع ۾: ڇپيو. ان کان پوءِ، ساڳئي اداري پاران، ان جو 'وڌايل ۽ سنواريل' ۽ فقير غلام قادر پاران نظرثاني ڪيل، 'ٻيو ڇاپو' (درحقيقت ٽيون) ٢٠٠٨ع ۾: مجلد: ڊبل ڪرائون سائز ۾: ٥٦٣ صفحن تي مشتمل: ١٠٠٠ رپين جي قيمت ۾: انٽيل ڪميونيڪيشنز حيدرآباد مان ڇپجي پڌرو ٿيو، جنهن ۾، صفحي ٣٣ کان صفحي ٥٦١ تائين، اهنجن لفظن جون معنائون هر هڪ صفحي جي پڇاڙيءَ ۾ ڏنل آهن.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي تحقيق ۽ تدوين ڪيل 'شاھ جو رسالو ـ شاھ جو ڪلام: جلد ٽيون' جو پهريون ڇاپو ۱۹۹۴ع ۾، مُجلد، ڊبل ڪرائون سائز ۾، ۱۰۰۰ جي تعداد ۾، ۲۵۰ رپين جي قيمت ۾، آزاد ڪميونيڪيشنز، ڪراچيءَ، مان ڇپجي، شاھ عبداللطيف ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاھ/حيدرآباد، پاران پڌرو ٿيو. هيءُ 'ٽيون جلد' مهڙين ۱۰ صفحن، ۽ مهاڳ، مقدمي ۽ متن جي ۶۰۹ صفحن تي مشتمل آهي. متن ۾، صفحي ۱۶۵ کان صفحي ۶۰۹ تائين، رسالي جي سَتن سُرن 'گهاتو، ڪاهوڙي، ڪاپائتي، بلاول، پرڀاتي، ڪارايل ۽ ڏهر' جي بيتن ۽ وائين جي اهنجن لفظن ۽ فقرن جون معنائون ۽ سمجهاڻيون ڏنل آهن ۽ بيتن جي پيٽ ڪيل آهي.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي تحقيق ۽ تدوين ڪيل 'شاھ جو رسالو ـ شاھ جو ڪلام: جلد ڇهون' جو پهريون ڇاپو ۱۹۹۵ع ۾، مُجلد، ڊبل ڪرائون سائز ۾، ۱۰۰۰ جي تعداد ۾، ۳۵۰ رپين جي قيمت ۾، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا ۽ اشاعت، حيدرآباد، پاران پڌرو ٿيو. هيءُ 'ڇهون جلد' مهڙين ۴ صفحن، مهاڳ جي ڇئن صفحن، ۽ مقدمي ۽ متن جي ۵۷۶ صفحن تي مشتمل آهي. متن ۾، صفحي ۱۰۷ کان صفحي ۵۷۶ تائين، رسالي جي سُرن 'رپ، پورب، رامڪلي ۽ آسا' جي بيتن ۽ وائين جي اهنجن لفظن ۽ فقرن جون معنائون ۽ سمجهاڻيون ڏنل آهن ۽ بيتن جي پيٽ ڪيل آهي.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي تحقيق ۽ تدوين ڪيل 'شاھ جو رسالو ـ جلد ڏهون ـ رسالي جو ڪلام' جو پهريون ڇاپو ۱۹۹۶ع ۾، مُجلد، ڊبل ڪرائون سائز ۾، ۱۰۰۰ جي تعداد ۾، عذرا عروج پرنٽنگ پريس، حيدرآباد، ۾ ڇپجي، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا ۽ اشاعت، حيدرآباد، پاران پڌرو ٿيو. هي 'جلد' مهڙين ۱۴ صفحن، مقدمي جي ۷۲ صفحن، متن جي ۸۵۵ صفحن ۽ پڇاڙڪن ڇئن انگريزي صفحن جي مواد تي مشتمل آهي. متن ۾، صفحي ۲۳۷ کان، 'رسالي جي ڪلام جي معياري ۽ سمجهاڻي' عنوان هيٺ، شاھ جي شاعري ۾ شامل ٿي ويل شعرن جي مختلف لفظن ۽ فقرن جي اچارن، معنائن ۽ سمجهاڻين تي بحث ڪيل آهي.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي تحقيق ۽ تدوين ڪيل 'شاھ جو رسالو ـ شاھ جو ڪلام: جلد چوٿون' جو پهريون ڇاپو ۱۹۹۷ع ۾، مُجلد، ڊبل ڪرائون سائز ۾، ۱۰۰۰ جي تعداد ۾، ۵۰۰ رپين جي قيمت ۾، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا ۽ اشاعت، حيدرآباد، پاران پڌرو ٿيو. هيءُ 'چوٿون جلد' مهڙين ۽ مهاڳ جي ۴ صفحن، مقدمي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair



جي ۴۹ صفحن ۽ متن جي ۵۳۶ صفحن تي مشتمل آهي. متن ۾، صفحي ۲۲۳ کان صفحي ۵۸۶ تائين، رسالي جي سُرن 'آبري، معذور، ديسي، ڪوهياري ۽ حسيني' جي بيتن ۽ وائين جي اهنجن لفظن ۽ فقرن جون معنائون ۽ سمجهاڻيون ڏنل آهن ۽ بيتن جي پيٽ ڪيل آهي.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي تحقيق ۽ تدوين ڪيل 'شاھ جو رسالو ـ شاھ جو ڪلام: جلد پنجون' جو پهريون ڇاپو ۱۹۹۷ع ۾، مُجلد، ڊبل ڪرائون سائز ۾، ۱۰۰۰ جي تعداد ۾، ۳۰۰ رپين جي قيمت ۾، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا ۽ اشاعت، حيدرآباد، پاران پڌرو ٿيو. هيءُ 'پنجون جلد' مهاڳ، مقدمي ۽ متن جي ۴۰۲ صفحن تي مشتمل آهي. متن ۾، صفحي ۱۲۳ کان صفحي ۴۰۲ تائين، رسالي جي سُرن 'راڻي، ليلان، ڪاموڏ ۽ سورٺ' جي بيتن ۽ وائين جي اهنجن لفظن ۽ فقرن جون معنائون ۽ سمجهاڻيون ڏنل آهن ۽ بيتن جي پيٽ ڪيل آهي.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي تحقيق ۽ تدوين ڪيل 'شاھ جو رسالو ـ شاھ جو ڪلام: جلد ستون' جو پهريون ڇاپو ۱۹۹۸ع ۾، مُجلد، ڊبل ڪرائون سائز ۾، ۱۰۰۰ جي تعداد ۾، ۶۰۰ رپين جي قيمت ۾، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا ۽ اشاعت، حيدرآباد، پاران پڌرو ٿيو. هيءُ 'ستون جلد' مهڙين ۴ صفحن، مهاڳ ۽ مقدمي جي ۴۸ صفحن ۽ متن جي ۶۴۸ صفحن تي مشتمل آهي. متن ۾، صفحي ۱۳۴ کان صفحي ۶۰۸ تائين، رسالي جي سُرن 'مارئي، سهڻي ۽ سارنگ' جي بيتن ۽ وائين جي اهنجن لفظن ۽ فقرن جون معنائون ۽ سمجهاڻيون ڏنل آهن ۽ بيتن جي پيٽ ڪيل آهي.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي تحقيق ۽ تدوين ڪيل 'شاھ جو رسالو ـ شاھ جو ڪلام: جلد اٺون ۽ نائون' جو پهريون ڇاپو ۱۹۹۹ع ۾، مُجلد، ڊبل ڪرائون سائز ۾، ۱۰۰۰ جي تعداد ۾، ۳۰۰ رپين جي قيمت ۾، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا ۽ اشاعت، حيدرآباد، پاران پڌرو ٿيو. هي 'گڏيل جلد' مهڙين ٻن صفحن، مهاڳ جي ڇهن صفحن، مقدمي جي ۱۲۹ صفحن، ۽ متن جي ۴۱۸ صفحن (۱۳۱-۵۴۸) تي مشتمل آهي. متن ۾، صفحي ۱۳۳ کان صفحي ۵۴۸ تائين، هر هڪ صفحي جي پڇاڙيءَ ۾، مٿان آيل بيتن ۽ وائين جي اهنجن لفظن ۽ فقرن جون معنائون ۽ سمجهاڻيون ڏنل آهن. اهي سموريون معنائون، ڊاڪٽر بلوچ جي جوڙيل 'روشني: شاھ جي رسالي جي لغت' (۲۰۰۲ع) ۾ شامل ڪيل آهن.

باگوجيءَ ۲۰۰۰ع جي سهيڙيل ۽ سموهيل 'شاھ جو رسالو' جو پهريون ڇاپو ۲۰۰۰ع ۾، مُجلد، ڊيمي سائز ۾، ۱۰۰۰ جي تعداد ۾، ۱۱۳۳ صفحن تي مشتمل، ۲۵۰ رپين

جي قيمت ۾: باگوجي ڏانوجي پبليڪيشن، ميرپور ماٿيلي، پاران پڌرو ٿيو. هيءَ رسالو ۴۳ سُرن تي مشتمل آهي. هن رسالي جي پڇاڙيءَ ۾، صفحي ۱۰۷۰ کان ۱۱۳۳ تائين، ’معنيٰ جي پَٽي‘ ڏنل آهي، جنهن ۾ بيتن ۽ وائين جي اهنجن لفظن جون معنائون ۽ سمجهاڻيون ڏنل آهن.

**ٻانهي خان شيخ** ۲۰۰۰ع جو مرتب ڪيل ’شاهه جو رسالو‘ (گهٽي کان گهٽو نج ڪلام، مفصل لفظي معنيٰ سان) ٽن جلدن ۾: مجلد: ڊبل ڪرائون سائز ۾: شعبو تصنيف، تاليف ۽ ترجمو، ڪراچي يونيورسٽي مان ڇپجي: شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي پاران پڌرو ٿيو. انهن مان ’جلد پهرئين‘ جو پهريون ڇاپو مئي ۲۰۰۰ع ۾، ۱۰۰۰ جي تعداد ۾: ۱۱۱+۳۶۸=۴۷۹ صفحن تي مشتمل: ۳۰۰ رپين جي قيمت ۾: ڇپيو. ’پهريون جلد‘ هنن اَٺن سُرن تي مشتمل آهي: ’ڪلياڻ، جمن، کنڀات، سُرراڳ، سامونڊي، سهڻي، سارنگ ۽ ڪيڏارو‘. هن جلد جي پهرين حصي ۾، صفحي ۵۱ کان ۱۱۱ تائين ۽ ٻئي حصي ۾ صفحي ۳ کان ۳۶۸ تائين، فوٽ نوٽن ۾ لفظن جون معنائون ڏنل آهن. ’جلد ٻئي‘ جو پهريون ڇاپو اپريل ۲۰۰۱ع ۾: مجلد: ڊبل ڪرائون سائز ۾: ۱۰۰۰ جي تعداد ۾: ۴۸۷ صفحن تي مشتمل: ۳۰۰ رپين جي قيمت ۾: شعبي تصنيف، تاليف ۽ ترجمي، ڪراچي يونيورسٽيءَ مان ڇپيو، جنهن ۾ صفحي ستين کان پڇاڙڪي صفحي تائين، هر صفحي جي آخر ۾ اهنجن لفظن ۽ اصطلاحن جون معنائون ڏنل آهن. ’ٻيو جلد‘ هنن اَٺن سُرن تي مشتمل آهي: ’آبڙي، معذوري، ديسي، ڪوهياري، حسيني، سورٺ، برئو سنڌي ۽ راڻو‘. ’جلد ٻئي‘ جو ٻيو ڇاپو آڪٽوبر ۲۰۱۲ع ۾: مجلد: ڊبل ڪرائون سائز ۾: ۵۰۰ جي تعداد ۾: ۲+۴۸۴=۴۸۶ صفحن تي مشتمل: ۶۰۰ رپين جي قيمت ۾: پيڪاڪ پرنٽرس، ڪراچي، مان ڇپجي پڌرو ٿيو. هن جلد ۾، صفحي ۰۷ کان ۴۸۴ تائين، فوٽ نوٽن ۾ لفظن جون معنائون ڏنل آهن. ’جلد ٽئين‘ جو پهريون ڇاپو ۲۰۰۲ع ۾ ڇپيو. ’جلد ٽئين‘ جو ٻيو ڇاپو ڊسمبر ۲۰۱۲ع ۾: ۵۰۰ جي تعداد ۾: ۲+۵۶۵=۵۶۷ صفحن تي مشتمل: ۷۰۰ رپين جي قيمت ۾: پيڪاڪ پرنٽرس، ڪراچي، مان ڇپجي پڌرو ٿيو. هي جلد هنن پندرهن سُرن تي مشتمل آهي: ’ڪاهوڙي، رامڪلي، پورب، بلاول، ليلا، ڏهر، جاجڪاڻي، ڪاپائتي، رِپ، آسا، گهاتو، شينهن ڪيڏارو، مارئي، ڪاموڏ ۽ ڪارايل‘. هن جلد ۾، صفحي ۰۷ کان ۵۶۵ تائين، فوٽ نوٽن ۾ لفظن جون معنائون ڏنل آهن.





**ڊاڪٽر ٽي. آر. شنگاري** پاران تحقيق ڪيل ڪتاب ’ڪامل درويش: شاهه لطيف‘ جو پهريون ڇاپو ۲۰۰۹ع ۾: غير مجلد: ڊيمي سائز ۾: ۵۴۶ صفحن تي مشتمل: لڪشمي آفسيٽ پرنٽرس، انڊيا مان ڇپجي: راڌا سوامي ستسنگ بياس، پنجاب، انڊيا پاران پڌرو ٿيو. هيءُ ڪتاب ٽن مکيه ڀاڱن ۾ ورهيل آهي، جن مان پهريون ڀاڱو ’جيون‘ صفحي ۱۵ کان ۵۵ تائين، ٻيو ڀاڱو ’اُپديش ۽ سنديش‘ صفحي ۵۷ کان ۳۱۰ تائين ۽ ٽيون ڀاڱو ’ڪلام‘ صفحي ۳۱۱ کان ۵۲۱ تائين آهي، جنهن کان پوءِ هڪ مضمون ’ڪلام جون خوبيون‘ پڻ شامل آهي. هن ڪتاب جي ٽئين ڀاڱي ’ڪلام‘ ۾، ’شاهه جي رسالي‘ جي ٽيهن سُرن مان چونڊ بيت، اهنجن لفظن جي معنائن ۽ سمجهاڻين سميت ڏنل آهن.

**ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ** جي تحقيق ۽ تدوين ڪيل ’شاهه جو رسالو‘ (شاهه جي سوانح ۽ فڪر سميت پنجاهن قلمي ۽ جملي ڇاپي رسالن سان ڀيٽيل متن ۽ معنيٰ وارو زيرن زبرن سان سڄو صحيح رسالو) جو پهريون ڇاپو ۲۰۰۹ع ۾: مجلد: ڊبل ڪرائون سائز ۾: ۱۰۰۰ جي تعداد ۾: ۲۰+۴۶۲=۴۸۲ صفحن تي مشتمل: ۵۰۰ رپين جي قيمت ۾: سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچيءَ مان ڇپجي: ثقافت ۽ سياحت کاتي، حڪومت سنڌ پاران پڌرو ٿيو، جنهن ۾ صفحي ۴۷ کان صفحي ۴۲۰ تائين، صفحن جي آخر ۾ اهنجن لفظن جون معنائون ڏنل آهن. ان ’رسالي‘ جو ٻيو ڇاپو ۲۰۱۲ع ۾ ڇپيو، جنهن ۾، صفحي ۴۷ کان صفحي ۴۲۴ تائين، اهنجن لفظن، اصطلاحن ۽ فقرن جون معنائون هر هڪ صفحي جي پڇاڙيءَ ۾ شامل ڪيل آهن. هن ’شاهه جي رسالي‘ ۾، ڊاڪٽر بلوچ پاران اڳ ڇپي پڌرو ڪيل جلد ۸-۹ ۽ ۱۰ مان مواد آندل آهي.

**غلام مصطفيٰ ’مشتاق‘** جي مؤلف ڪيل ڪتاب ’شاهه جو رسالو‘ (چونڊ ڪلام) جو پهريون ڇاپو نومبر ۲۰۱۱ع ۾: ڊبل ڪرائون سائز ۾: مجلد: ۱۱۰۰ جي تعداد ۾: ۳۰۶ صفحن تي مشتمل: ۳۰۰ رپين جي قيمت ۾: مهراڻ اڪيڊمي، شڪارپور، پاران ڇپجي پڌرو ٿيو، جنهن ۾ ۳۰ سُرن منجهان چونڊ شاعري ڏني وئي آهي ۽ انهن بيتن ۽ وائين ۾ آيل اهنجن لفظن جون معنائون هر هڪ سُر پٺيان، الف-بي وار ترتيب ۾، ٻن ڪالمن ۾، ڏنيون ويون آهن، جيڪي ان کان اڳ ’پاڪيٽ سائز‘ (۲۰۰۰ع) لغت ۾ ڇپيون ويون هيون، جڏهن ته ’چونڊ ڪلام‘ پڻ، ان کان اڳ ’شاهه جو رسالو‘ نالي سان، آگسٽ ۲۰۰۰ع ۾، مجلد، پاڪيٽ سائز ۾، ۶۸۷ صفحن تي مشتمل، ۱۶۰ رپين جي قيمت ۾، مهراڻ



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

اڪيڊمي پاران ڇپيو هو.

**محمد قاسم راهمون (ساڪري)** جي مرتب ڪيل ۽ ٣٦ سُرن تي مشتمل 'شاهه جو گنج' جو ٻيو ڇاپو ٢٠١٣ع ۾، مجلد، ڊبل ڪرائون سائز ۾، ٧٦٤ صفحن تي مشتمل، ١٠٠٠ رپين جي قيمت ۾، فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد، مان ڇپجي، روشني پبليڪيشن، ڪنڊياري، پاران پڌرو ٿيو. جنهن ۾، صفحي ٣٢ کان وٺي صفحي ٧٦٤ تائين، صفحي جي پڇاڙيءَ ۾، بيتن ۽ وائين جي انگن موجب، اهنجن لفظن جون معنائون ڏنل آهن.

**استاد لغاريءَ** جي تحقيق ۽ ترتيب ڏنل 'شاهه جو رسالو' جو پهريون ڇاپو ٢٠١٥ع ۾، حمائل سائز ۾، مُجلد، ٥٠٠ جي تعداد ۾، مهڙين ٻن صفحن ۽ ٨١٤ صفحن تي مشتمل، ٣٠٠ رپين جي قيمت ۾، سهڻي سنڌ اڪيڊمي، ڪپري، سنڌ، پاران ڇپيو. هن رسالي جي پڇاڙيءَ ۾، 'معنيٰ جي پَتي' صفحي ٧٠٥ کان ٨١٤ صفحي تائين ڏنل آهي، جنهن ۾ اهنجن لفظن جون معنائون ڏنل آهن. هن رسالي جو ٻيو ڇاپو ٢٠١٩ع ۾، ساڳي سائز ۾، ڇپيو آهي.

**ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ** جي تحقيق ۽ تدوين ڪيل 'شاهه جو رسالو - مڪمل ٣٦ ئي سُر' جو 'نئون' ڇاپو ٢٠١٥ع ۾، مُجلد، ڊبل ڊيمي سائز ۾، ١٠٠٠ جي تعداد ۾، ٢٠+٤٦٦=٤٨٦ صفحن تي مشتمل، ٧٠٠ رپين جي قيمت ۾، احمد برادرس پريس، ڪراچيءَ، مان ڇپجي، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، پاران پڌرو ٿيو. هيءُ، دراصل، ٢٠٠٩ع ۾ ثقافت کاتي پاران ڇپرايل 'شاهه جي رسالي' (سچي صحيح رسالي) جو ٻيو ڇاپو آهي.

**'شاهه جي رسالي' جي ترجمن ۾ لفظن جون معنائون:**

**جهمٽمل نارومل وسناڻيءَ** جي جوڙيل ڪتاب 'Notes on Shah Jo Risalo: The University Text' (نوٽس آن شاهه جو رسالو: دَ يونيورسٽي ٽيڪسٽ) جو پهريون ڇاپو ١٨٩٥ع ۾، ڊيمي سائز ۾، ٢+٦+١٢+١٦١=١٨١ صفحن تي مشتمل، آريان پريس، ڪراچيءَ مان ڇپجي پڌرو ٿيو. ان جي عنوان هيٺان هيءَ وضاحت پڻ لکيل آهي: 'With 11000 lines prescribed by the University of Bombay for the University School Final Examination in Optional Sindhi'. ان بعد مٿس لکيل آهي: 'explanations of words, grammatical constructions and mystic application'. ان





ڪتاب ۾، شاهه جي چونڊ بيتن ۽ وائين تي مشتمل متن کان پوءِ، 'نوٽس' جي حصي ۾، صفحي نمبر ٦٩ کان وٺي صفحي ١٦١ تائين، اهنجن لفظن جون معنائون ۽ سمجهاڻيون انگريزيءَ ۾ ڏنل آهن، جن ۾ ڪن لفظن جا سنسڪرت ۾ اشتقاق بہ ڏنا ويا آهن. ان ريت هيءُ حصو 'شاهه جي سنڌي-انگريزي لغت' جو چئي سگهجي ٿو. جهمٽ مل ان کان اڳ ١٨٨٦ع ۾ پهرين وٿيپٽي ڪوش شايع ڪرائي هئي، جيڪا لغت جي صنف ۾ وڏي اهميت رکي ٿي.

**دليراءِ ڪاراڻيءَ** جو مولف ڪيل 'رسالو شاهه عبداللطيف جو' جو پهريون ڇاپو ١٩٦٩ع ۾، احمد آباد، گجرات، انڊيا ۾ ڇپيو، جنهن ۾ شاهه جي حياتيءَ جي احوال سميت، رسالي جي ٣٦ سُرن مان هڪ هزار کن بيت سنڌيءَ ۾ ڏئي، انهن جي معنيٰ گجراتيءَ ۾ سمجهائي آهي.[١٦]

**استاد لغاريءَ** جي ترجمي ڪيل ڪتاب 'شاهه دا رسالا: منظوم سرائيڪي ترجمہ (مڪمل)' جو پهريون ڇاپو جنوري ٢٠١٠ع ۾، مجلد، ڊبل ڪرائون سائز ۾، ١١٠٠ جي تعداد ۾، ٣٥٢ صفحن تي مشتمل، ٥٠٠ رپين جي قيمت ۾، مهراڻ اڪيڊمي، شڪارپور، پاران ڇپيو. شاهه جي رسالي جي هن سرائڪي ترجمي جي پڇاڙيءَ تي، صفحي ٣٠٣ کان آخري صفحي ٣٥٢ تائين، هڪڙي 'معنيٰ دِي پَتي' (عربي کان سرائڪيءَ ۾) ۽ ٻي 'معنيٰ دِي پَتي' (سرائڪي کان سنڌيءَ ۾) ڏنل آهي.

**مشتاق علي شاهه** پاران ۾ انگريزي ٻوليءَ ۾ ڪيل شاهه جي چونڊ ڪلام جي ترجمي 'Message of Love' جو پهريون ڇاپو ٢٠١٤ع ۾، ڊيمي سائز ۾، مجلد، ٢٨٨ صفحن تي مشتمل، ٤٠٠ رپين جي قيمت ۾، روشني پبليڪيشن، ڪنڊياري، پاران ڇپيو. "هن صاحب ڪتاب جي آخر ۾ ٢١٠٠ کن [کان] وڌيڪ محاورن يا لفظن جي لغت سنڌي مان انگريزي ۾ ڏني آهي."[١٧]

**استاد لغاريءَ** جي ترجمي ڪيل ڪتاب 'شاهه جو رسالو-ڍاٽڪي' جو پهريون ڇاپو مئي ٢٠١٨ع ۾، مجلد، ڊيمي سائز ۾، ٢٨٨ صفحن تي مشتمل، ٤٠٠ رپين جي قيمت ۾، سمبارا پبليڪيشن، حيدرآباد، پاران ڇپيو، جنهن تي نظرثاني اصغر بادلاڻيءَ جي ڪيل آهي. هن ڪتاب ۾، شاهه لطيف جي چونڊ بيتن جو ڍاٽڪي لهجي ۾ ترجمو ڪيل آهي. ترجمي جي پڇاڙيءَ تي، 'ڍاٽڪي-سنڌي لغت' ڏنل آهي، جيڪا صفحي نمبر ٢٢٦ کان ٢٨٨ تائين، جُملي ٦٣ صفحن تي، پکڙيل آهي. ان لغت ۾، لڳ ڀڳ ٢١٠٠ ڍاٽڪي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

لفظن ۽ اصطلاحن جون معياري سنڌيءَ ۾ معنائون ۽ سمجهاڻيون ڏنل آهن.

**رسالي جي سُرن وارن مجموعن ۽ شعرن جي انتخابن ۾ ڇپيل اهنجن لفظن جون معنائون:**

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالن کان سواءِ، سندس سرجيل مختلف سرن جا الڳ الڳ ڪتاب پڻ وقتاً فوقتاً ڇپجندا رهيا آهن، جن ۾ پڻ فوٽ نوٽن ۾، بيتن جي وچ ۾ يا ڪتابن جي پڇاڙيءَ ۾ اهنجن لفظن ۽ اصطلاحن جون معنائون لکيون ويون آهن. اهڙو سلسلو خاص ڪري ۱۹۴۰ع کان ۱۹۸۰ع تائين گهڻو نظر اچي ٿو. ان کان سواءِ شاهه جي شعرن جا انتخاب پڻ ڇپجندا رهيا آهن، جن ۾ پڻ اهنجن لفظن جون معنائون درج ڪيون ويون آهن. اهي ڪتاب جيئن ته مختلف عالمن ۽ اديبن پاران مرتب ۽ مؤلف ڪيا ويا آهن، ان ڪري انهن معنائن جي اڀياس مان لطيفي لغت جي مختلف رخن کي سمجهي سگهجي ٿو. هيٺ سن وار انهن ڪتابن بابت ڄاڻائجي ٿو.

**جهمٽمل نارومل وسناڻيءَ** جو جوڙيل ڪتاب ’شاهه جا بيت‘ جو پهريون ڇاپو ۱۸۹۵ع ۾ ڇپيو. ان بابت مختيار احمد ملاح لکي ٿو: ”هيءُ ڪتاب، مئٽرڪ جي نصاب تي رکيل هو. ٦٨ صفحن جو متن اٿس ۽ ٦٩ صفحي کان ۱۹۱ تائين لفظن جي معنيٰ ۽ تشريح اٿس. ڪتاب ۾ شاهه جي مختصر سوانح ۽ شاعريءَ جو جائزو به ورتل آهي.“[۱۸]

**ليلا رام وطن مل لعلواڻيءَ ۽ خانچند پرتاب راءِ لعلواڻيءَ** جو مرتب ڪيل ڪتاب ’شاهه جي رسالو‘ (سر ڪلياڻ) جو پهريون ڇاپو ۱۹۰۰ع ۾: ڊيمي سائز ۾: ۱۰۰۰ جي تعداد ۾: ۳+۲۹=۳۲ صفحن تي مشمل: وديا ساگر پريس مان ڇپرائي، خوبچند پرمانند پڙرو ڪيو. هن ڪتاب ۾، ۲۹ صفحن تي، فوٽ نوٽ ۾، اهنجن لفظن جون معنائون ۽ سمجهاڻيون ڏنل آهن.

**پيرومل مهرچند آڏواڻي** جي مرتب ڪيل ڪتاب ’سُر سورٺ‘ جو پهريون ڇاپو ۱۹۰۹ع ۾: ۴+۳۱=۳۵ صفحن تي مشتمل: ۰۱۹ جي قيمت ۾: پريمئر پريس مان ڇپجي: مسترڪيم چند شيوڪ رام بڪ سيلرس، حيدرآباد، پاران پڌرو ٿيو، جنهن ۾ سُر جو متن ۽ هر صفحي جي پڇاڙيءَ ۾ اهنجن لفظن جي معنيٰ ڏنل آهي.

**محمد عثمان عباسيءَ** جي مؤلف ڪيل ڪتاب ’سُر سورٺ‘ جو پهريون ڇاپو ۱۹۰۹ع ۾: ڪرائون سائز ۾: ۱۲۲ صفحن تي مشتمل: ۰۱۹ جي قيمت ۾: پريمئر پريس مان ڇپجي: مسترڪيم چند شيوڪ رام بڪ سيلرس، حيدرآباد، پاران پڌرو ٿيو، جنهن ۾





صفحي ۴۲ کان ۱۱۸ تائين معنائون ۽ سمجهاڻيون ڏنل آهن.

**لالچند امر ڏني مل ڄڳتياڻيءَ** جي سهيڙيل ڪتاب ’سر ڪيڏارو ۽ سينهن ڪيڏارو‘ جو پهريون ڇاپو ۱۹۱۰ع ۾: پريميئر پرنٽنگ پريس، حيدرآباد، مان ڇپيو، جنهن ۾ متن ۽ معنائون ڏنل آهن.[۱۹]

**مرزا قليچ بيگ** جو مرتب ڪيل ڪتاب شاهه جي رسالي مان ’سر سهڻي‘ (معنيٰ، مطلب ۽ ٻي ضروري شرح سان) جو پهريون ڇاپو ۱۹۱۲ع ۾: غير مجلد: ڪرائون سائز ۾: ۱۰۰۰ جي تعداد ۾: ۲+۱۷+۳۳٦+٦=۳۴۴ صفحن تي مشتمل: هڪ رپئي جي قيمت ۾: پريمئر اسٽيم پريس، حيدرآباد، سنڌ، مان ڇپجي پڌرو ٿيو، جنهن ۾ صفحي ۰۱ کان وٺي صفحي ۳۳٦ تائين، هر بيت هيٺان ڏکين لفظن جون معنائون ۽ مطلب ڏنل آهن.

**مرزا قليچ بيگ** جي مرتب ڪيل ڪتابڙي ’لطيفي لات‘ جو پهريون ڇاپو ۱۹۱۲ع ۾: ڪرائون سائز ۾: ۲+۲۷=۲۹ صفحن تي مشتمل: ٦-۲-۰ جي قيمت ۾: قيصريه پريس، حيدرآباد، مان ڇپرائي: آتما رام ڪندنمل پڌرو ڪيو. هن ڪتاب ۾، شاهه جي رسالي مان چونڊيل پهاڪن ۽ چوٽين واريون مصرعون ڏنل آهن. هن ڪتاب جي متن ۾، هر هڪ صفحي جي پڇاڙيءَ ۾، اهنجن لفظن جون معنائون ڏنل آهن. هن ڪتاب جو ٻيو ڇاپو ۱۹۹۴ع ۾، گلشن پبليڪيشن، حيدرآباد، پاران ۽ ٽيون ڇاپو ۱۹۹۴ع ۾، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، پاران ڇپيو. هيءُ ڪتابڙو، انجنيئر عبدالوهاب سهتي جي مرتب ڪيل ڪتاب ’شاهه جي شاعريءَ جو پهاڪاتي پهلو‘، ڇاپو پهريون آڪٽوبر ۲۰۱۸ع ۾ پڻ، صفحي ۲۲ کان ۳٦ تائين، شامل ڪيل آهي.

**مرزا قليچ بيگ** جو ڪتاب ’سُر سراڳ‘ (شاهه جي رسالي مان مئٽريڪيوليشن امتحان لاءِ) جو پهريون ڇاپو ۱۹۱٦ع ۾: غير مجلد: ڪرائون سائز ۾: ۵+۸+۴۵+۹۹=۱۵۷ صفحن تي مشتمل: ڇپيو، جنهن جي پوئين حصي ۾، ۹۹ صفحن ۾، اهنجن لفظن جون معنائون ۽ مطلب ڏنل آهن.

**ڄيٺمل پرسرام گلراجاڻي** جي جوڙيل ڪتاب ’شاهه جي آکاڻين جي سمجهاڻي‘ جو پهريون ڇاپو ۱۹۲۲ع ۾: مجلد ۽ غير مُجلد: ڪرائون سائز ۾: ۱۰۰۰ جي تعداد ۾: ۴+۱۳۴=۱۳۸ صفحن تي مشتمل: پڪو جلد هڪ رپئي چئن آنن ۽ ڪچو جلد هڪ رپئي جي قيمت ۾، ڀارت واسي پريس، حيدرآباد، سنڌ، مان ڇپجي: سنڌي ساهت پبلشنگ



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪمپني، حيدرآباد. پاران ڇپرو ٿيو. هن ڪتاب ۾، هڪ صفحي تي مشتمل 'مهاڳ' ليکڪ پاران ڏنل آهي. ڪتاب ۾ شاهه جي بيتن جي روشنيءَ ۾ لوڪ قصا ڏنا ويا آهن ۽ انهن بيتن وارن صفحن تي، فوٽ نوٽ ۾ اهنجن لفظن جون معنائون ڏنيون ويون آهن. ان ڪتاب جو ٻيو ڇاپو 'شاهه جون آکاڻيون ۽ انهن جي سمجهاڻي' عنوان سان ۱۹۸۵ع ۾: غير مجلد: ڪرائون سائز ۾: ۱۱۹ صفحن تي مشتمل: ساڍن ستن رپين جي قيمت ۾: صداقت بڪ ڊيپو، شاهي بازار، نزد پڪو قلعو، حيدرآباد، پاران پڌرو ٿيو. ان جي نئين سر ترتيب مشتاق 'مسرور' ٻاريچي پاران ڪيل آهي.

**چيتمل پرسرام گلراجاڻي** جي جوڙيل ڪتاب 'شاهه جون آکاڻيون' (پاڱو ٻيو) جو پهريون ڇاپو ۱۹۲۳ع ۾: مجلد ۽ غير مُجلد: ڪرائون سائز ۾: ۱۰۰۰ جي تعداد ۾: ۴+۱۲۷=۱۳۱ صفحن تي مشتمل: پڪو جلد هڪ رپيي چئن آنن ۽ ڪچو جلد هڪ رپيي جي قيمت ۾، پارت واسي پريس، حيدرآباد، سنڌ. مان ڇپجي: سنڌي ساهت پبلشنگ ڪمپني، حيدرآباد. پاران پڌرو ٿيو. هن ڪتاب ۾، ٻن صفحن تي مشتمل 'مهاڳ' ليکڪ پاران ڏنل آهي. ڪتاب ۾ عمر مارئي، سسئي پنهون ۽ هير رانجهي جا لوڪ قصا شاهه جي بيتن جي داخلا سان ڏنا ويا آهن ۽ انهن بيتن وارن صفحن تي، فوٽ نوٽ ۾ اهنجن لفظن جون معنائون ڏنيون ويون آهن.

**چيتمل پرسرام** جي ڪتاب 'شاهه جون آکاڻيون' جو پهريون، ٻيو ۽ ٽيون پاڱو (سمجهاڻين سميت) گڏي اُساٽ ساهت مالها ۱۹۹۰ع ۾ پارت مان ڇپيو، جنهن جو نئون (ٽيون ڇاپو) سنڌ ۾، سنڌ تحقيقي بورڊ حيدرآباد پاران ناز سنائيءَ ۱۹۹۴ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. هي ڪتاب جي عڪسي ڪاپي آهي، جيڪا ۳۸۴ صفحن تي مشتمل آهي.

**لالچند امر ڏني مل جڳتياڻيءَ** جي جوڙيل ڪتاب 'سر يمن ڪلياڻ' جو پهريون ڇاپو ۱۹۲۴ع ۾: ڪرائون سائز ۾: ۴+۴۶+۴۸=۹۸ صفحن تي مشتمل: دي ايڊيوڪيشنل پبلشنگ ڪمپني، لڪشمي لاج، گاڏي ڪاتو، ڪراچيءَ، پاران ڇپيو، جنهن ۾ پڇاڙڪن ۴۸ صفحن ۾ اهنجن لفظن جون معنائون ڏنل آهن. هيءُ ڪتاب ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي جوڙيل 'شاهه جي رسالي' (جلد پهرئين) تي آڌاريل آهي.

**ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي** جي مؤلف ڪيل 'شاهه جي رسالي' مان 'شرح لطيفي: سُر ڪلياڻ'، ۱۹۲۵ع ۾، راما بڪ ڊيپو، حيدرآباد، پاران ڇپيو، جنهن ۾ متن ۽ اهنجن لفظن جون معنائون ڏنل آهن.





**محمد بخش واصف (۱۸۹۲-۱۹۵۲ع)** ۱۹۲۵ع جي جوڙيل 'شرح لطيفي' جو پهريون ڇاپو ۱۹۲۵ع ۾: ڊيمي سائز ۾: ۸۸ صفحن تي مشتمل: ۱۲ آنن جي قيمت ۾: جارج پرنٽنگ پريس، حيدرآباد. مان ڇپرائي: سيد حافظ محمد حيات شاهه پڌرو ڪيو[۲۰]، "جنهن جي آخر ۾ ڏکين لفظن جي مختصر فهرست پڻ ڏنل آهي."[۲۱]

**ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي** جي ڪتاب 'منهاج العاشقين' جو پهريون ڇاپو ۱۹۳۴ع ۾: ڊبل ڪرائون سائز ۾: ۳۲ صفحن تي مشتمل: ۶ آنن جي قيمت ۾: دَ ايڊيوڪيشنل پبلشنگ ڪمپني، مان ڇپجي: پڌرو ٿيو. هِن ڪتاب ۾، فارسي ٻوليءَ ۾ لکيل مولوي غلام محمد خانزئي جي لکيل ننڍڙي ڪتاب 'منهاج العاشقين' ۾، شاهه لطيف جي رسالي ۾ آيل عشقي قصن جا روحاني راز لکي، انهن جون اصطلاحي ۽ علمي معنائون ڏنيون ويون آهن.

**ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي** جي مؤلف ڪيل ڪتاب 'شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو سُر مارئي' جو پهريون ڇاپو ۱۹۳۶ع ۾ ڇپيو. ان جو 'نئون' ڇاپو ۱۹۶۱ع ۾: غير مجلد: ڪرائون سائز ۾: ۴+۹۹=۱۰۳ صفحن تي مشتمل: ٻن رپين ۽ ۵۰ پيسن جي قيمت ۾: راما (پاڪ) بڪ ڊيپو، هير آباد، حيدرآباد، پاران ڇپيو، جنهن ۾ متن ۽ اهنجن لفظن جون معنائون، فوٽ نوٽ ۾ ڏنل آهن.

**فتح چند منگت رام** جي مؤلف ڪيل ڪتاب 'مناجات شاهه' جو پهريون ڇاپو ۱۹۴۰ع ۾ ڇپيو. ان ڪتاب جو ٻيو ڇاپو ڊسمبر ۱۹۹۴ع ۾: غير مجلد: ڪرائون سائز ۾: ۱۰۰۰ جي تعداد ۾: ۷۰ صفحن تي مشتمل: ۱۵ رپين جي قيمت ۾: ايم خان پرنٽنگ پريس، گاڏي ڪاتي، حيدرآباد، مان ڇپجي: گلشن پبليڪيشن، حيدرآباد. پاران پڌرو ٿيو، جنهن ۾ موضوع سان لاڳاپيل بيتن ۽ انهن جون سمجهاڻيون ڏنل آهن ۽ فوٽ نوٽ ۾ اهنجن لفظن جون معنائون ڏنيون ويون آهن.

**ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي** جي مؤلف ڪيل 'شاهه جي رسالي' مان جوڙيل ننڍو ڪتاب 'سُر مومل راڻو' متن ۽ اهنجن لفظن جي معنائن سُوڌو، ۱۹۴۱ع ۾: ۱۳۲ صفحن تي مشتمل: ايجوڪيشنل پرنٽنگ ورڪس، ڪراچيءَ، مان ڇپجي پڌرو ٿيو. جيڪو گربخشاڻي صاحب جي جوڙيل رسالي مان ورتل آهي.

**لالچند امر ڏني مل جڳتياڻي** جي جوڙيل ڪتاب 'سر مومل راڻو' جو پهريون ڇاپو ڪرائون سائز ۾: ۴+۱۳۱=۱۳۵ صفحن تي مشتمل: دي ايڊيوڪيشنل پبلشنگ



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪمپني، ڪراچيءَ، پاران ڇپيو. موجود ڇاپي ۾ مؤلف پاران لکيل ’منڍ‘ ۾ سن ۱۹۴۱ع لکيل آهي، جنهن مان سمجهجي ٿو ته اهو ڪتاب ان سن بعد ئي ڇپيو هوندو. ان ڪتاب ۾، صفحي ۶۳ کان ۱۳۱ تائين اهنجن لفظن جون معنائون ڏنل آهن. هيءُ ڪتاب ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي جوڙيل رسالي ۾ شامل سُر تي آڌاريل آهي.

**فتح چند منگترام** ۱۹۴۷ع کان اڳ جو مرتب ڪيل ڪتاب ’مناجات شاهه‘ جو پهريون ڇاپو پاڪستان جي قيام کان اڳ ڇپيو، جنهن ۾ الله جي شان ۾ چيل شاهه جون چونڊ مناجاتون سهيڙيون ويون آهن. ان ڪتاب جو ٻيو ڇاپو ۱۹۹۴ع ۾: ڪرائون سائز ۾: ۷۲ صفحن تي مشتمل: گلشن پبليڪيشن، حيدرآباد، پاران ڇپيو، جنهن ۾ پروفيسر ڊاڪٽر عبدالرحمان قريشيءَ ۽ پبلشر گلشير بلوچ جا لکيل نوٽ پڻ شامل آهن. ان ڪتاب ۾ مناجاتن جي سمجهاڻي ۽ ڏکين لفظن جي معنيٰ ڏني وئي آهي.[۲۲]

**اجمل بيگ قليچ بيگ ميرزا [مرزا]** جو مرتب ڪيل ڪتاب شاهه جي رسالي جو ڀاڱو ’سر حسيني‘ (شرح، معنيٰ ۽ سمجهاڻين سان) جو پهريون ڇاپو ۱۹۵۱ع ۾: غير مجلد: ڪرائون سائز ۾: ۱۰۰۰ جي تعداد ۾: ۴+۱۶۸=۱۷۲ صفحن تي مشتمل: ٽن رپين جي قيمت ۾: رباني پرنٽنگ پريس، حيدرآباد، مان ڇپجي: ايجوڪيشنل بوڪ ڊيپو، اسڪول روڊ، حيدرآباد: پاران پڌرو ٿيو، جنهن ۾ صفحي ۶۸ کان وٺي صفحي ۱۶۸ تائين ڏکين لفظن جون معنائون ۽ مطلب ڏنل آهن.

**غلام محمد شاهواڻي ۽ محمد بخش ’واصف‘** جي جوڙيل ڪتاب ’سر سامونڊي‘ (شرح، معنيٰ ۽ سمجهاڻين سميت) جو ٻيو ڇاپو ۱۹۶۶ع ۾: ڪرائون سائز ۾: غير مجلد: ۱۰۰۰ جي تعداد ۾: ۶۶ صفحن تي مشتمل: هڪ رپئي ۽ ۸۷ پيسن جي قيمت ۾: مدينه پرنٽنگ پريس، حيدرآباد، مان ڇپجي: آر. ايڇ. احمد اينڊ برادرس، حيدرآباد، پاران پڌرو ٿيو، جنهن ۾ ۴۹ صفحي کان ۶۵ تائين، لفظن جون معنائون ۽ شعرن جا مطلب ڏنل آهن. ڪتاب ۾ ’ديباچو‘ محمد بخش واصف جو لکيل آهي، جنهن ۾ ۱۲ جولاءِ ۱۹۵۲ع جي تاريخ ڏنل آهي[۲۳]، جنهن منجهان ڪَٿي سگهجي ٿو ته ان ڪتاب جو پهريون ڇاپو ۱۹۵۲ع ۾ ڇپيو هوندو.

**فتح چند منگت رام واسواڻي** جو ڪتاب ’شاهه جو رسالو (چونڊ)‘ (ڀاڱو ٻيو) ۱۹۵۳ع ۾: ڊيمي سائز ۾: سندر ساهتيه آفيس، اجمير، انڊيا، مان: ڪچو جلد ۲ رپين ۸ آنن ۽ پڪو جلد ۳ رپين ۸ آنن ۾ ڇپيو. ان جي اندرئين ٽائٽل تي ڪتاب جو نالو





’لطيفي لاٽ (شاهه ڀاڱو ٻيو) (شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي مان چونڊ بيت)‘ ڇپيل آهي. هيءُ ڀاڱو ٻن حصن ۾ ونڊيل آهي. پهريون حصو ۱۴۰ صفحن تي پکڙيل آهي، جنهن کان پوءِ ۲ صفحا ’پلنامي‘ جا ڏنل آهن. ان حصي ۾ ’سارنگ، سامونڊي، عمر مارئي، ليلا چنيسر، ديسي، ڪوهياري ۽ ڪلياڻ‘ سُرن مان چونڊ بيت شامل ڪيل آهن. ان ڪتاب جو ٻيو حصو ’لطيفي لاٽ (ڪنجي)‘ جي نالي سان ۳۸ صفحن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ مٿي ڄاڻايل سُرن جي ترتيب موجب اهنجن لفظن جون معنائون ۽ سمجهاڻيون ڏنل آهن. هيءُ ڪتاب، ليکڪ جي اڳ ڇپيل ڪتاب ’شاهنامي‘ (۱۹۵۳ع) جو ٻيو ڀاڱو آهي. ’شاهنامي‘ ۾ اهنجن لفظن جي معنائن کي آندو ناهي ويو.

**رشيد احمد لاشاري** جي جوڙيل ڪتاب ’سر حسيني‘ جو پهريون ڇاپو ۱۹۵۴ع ۾: ۳۳۵ صفحن تي مشتمل: هڪ رپئي جي قيمت ۾: آر. ايڇ. احمد اينڊ برادرس، حيدرآباد، پاران ڇپيو[۲۴]. ان ڪتاب جو ٽيون ڇاپو ۱۹۵۸ع ۾: غير مجلد: ڪرائون سائز ۾: ۱۰۰۰ جي تعداد ۾: ۳۴۴ صفحن تي مشتمل: ٽن رپين ۽ اٺن آنن جي قيمت ۾: مدينه پرنٽنگ پريس، رسالا روڊ، حيدرآباد، مان ڇپجي: آر. ايڇ. احمد اينڊ برادرس، حيدرآباد، پاران پڌرو ٿيو، جنهن ۾، صفحي ۱۰۵ کان وٺي ۳۴۴ تائين، اهنجن لفظن جون معنائون ۽ بيتن جون سمجهاڻيون ڏنل آهن.

**رشيد احمد لاشاري** جي جوڙيل ڪتاب ’سر ڪلياڻ‘ (ڏکين لفظن جي معنيٰ ۽ سمجهاڻين سميت) جو پهريون ڇاپو ۱۹۵۴ع ۾: ڪرائون سائز ۾: ۲۳۶ صفحن تي مشتمل: ۱۰۰۰ جي تعداد ۾: تاج محل پرنٽنگ پريس، حيدرآباد، مان ڇپجي: آر. ايڇ. احمد اينڊ برادرس، حيدرآباد، پاران پڌرو ٿيو، جنهن ۾ ۴۲ صفحي کان وٺي ۱۹۵ صفحي تائين اهنجن لفظن جون معنائون ۽ سمجهاڻيون ڏنل آهن. ان ڪتاب جو ٻيو ڇاپو ۱۹۶۰-۱۹۶۱ع ۾: غير مجلد: ڪرائون سائز ۾: ۱۰۰۰ جي تعداد ۾: ۲۴۲ صفحن تي مشتمل: ٽن رپين جي قيمت ۾: مدينه پرنٽنگ پريس، رسالا روڊ، حيدرآباد، مان ڇپجي: آر. ايڇ. احمد اينڊ برادرس، حيدرآباد، پاران پڌرو ٿيو. ان ڪتاب ۾، صفحي ۴۷ کان وٺي ۲۰۱ تائين، اهنجن لفظن جون معنائون ۽ شعرن جون سمجهاڻيون ڏنل آهن.

**محسن علي ايڇ. ايمر** جو مرتب ڪيل ڪتاب ’سر مارئي‘، ۱۹۵۴ع ۾، ۲۵۵ صفحن تي مشتمل امير برادرس، حيدرآباد، پاران ڇپيو، جنهن ۾ متن سان گڏ لفظن جون معنائون ڏنل آهن.[۲۵]



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

**غلام محمد شاهواڻي ۽ محمد بخش 'واصف'جي جوڙيل ڪتاب** 'سر سارنگ' (معنيٰ، شرح ۽ سمجهاڻين سميت) جو ٻيو ڇاپو ١٩٥٤-٥٥ع ۾، ڪرائون سائز ۾، ١٠٠٠ جي تعداد ۾، ٤+٩٨=١٠٢ صفحن تي مشتمل، هڪ رپئي ۽ ٦ آنن جي قيمت ۾، تاج محل پرنٽنگ پريس، حيدرآباد، مان ڇپجي، آر. ايچ. احمد اينڊ برادرس، حيدرآباد، پاران پڌرو ٿيو. جنهن ۾ ٥٢ صفحي ڪان وٺي صفحي ٩٨ تائين، لفظن جون معنائون ۽ شعرن جون سمجهاڻيون ڏنل آهن. ان ڪتاب جو چوٿون ڇاپو ١٩٥٨-٥٩ع ۾، ڪرائون سائز ۾، ٢٠٠٠ جي تعداد ۾، ١٠٣ صفحن تي مشتمل، هڪ رپئي ۽ اٺن آنن جي قيمت ۾، مدينه پرنٽنگ پريس، حيدرآباد، مان ڇپجي، آر. ايچ. احمد اينڊ برادرس، حيدرآباد، پاران پڌرو ٿيو. ان ڪتاب جو پنجون ڇاپو ١٩٦٥ع ۾ ڇپيو ۽ ان جو ستون ڇاپو ١٩٦٧-٦٨ع ۾، ڪرائون سائز ۾، ١٠٠٠ جي تعداد ۾، ٩٨ صفحن تي مشتمل، ٻن رپين جي قيمت ۾، مفيد پرنٽنگ پريس، حيدرآباد، مان ڇپجي، آر. ايچ. احمد اينڊ برادرس، حيدرآباد، پاران پڌرو ٿيو، جنهن ۾ ٥٥ صفحي ڪان وٺي ٩٣ تائين، لفظن جون معنائون ۽ شعرن جون سمجهاڻيون ڏنل آهن.

**حاجي حقير ابن مگڻ جي سهيڙيل ڪتاب** 'سر مارئي' جو پهريون ڇاپو ١٩٥٥ع ۾، آر. ايچ احمد برادرس، حيدرآباد، پاران ڇپيو، جنهن ۾ متن ۽ معنائون ڏنل آهن.[26]

**تاج صحرائي (هيڊ ماستر سيڪنڊري اسڪول دادو) جو لکيل ڪتاب** ' شاهه عبداللطيف سُر سارنگ' (تبصري ۽ معنيٰ سان، پهريون ڇاپو ١٩٥٥-١٩٥٦ع ۾ مڪتبه يونسيه، بوڪسيلرز دهلي دروازه دادوءَ پاران ٺلها آرٽ پرنٽنگ پريس دادوءَ ۾ ڇپيو، ڪرائون سائيز جي ٨٦ صفحن تي مشتمل ڇپيو، جنهن جي قيمت ١- روپيه هئي. آخر ۾ ١٥ صفحن ۾ ڏکين لفظن جون معنائون ڏنل آهن.

**علامه علي خان ابڙي جي مرتب ڪيل ڪتاب** 'سر ساموندي' جو پهريون ڇاپو ١٩٥٦ع ۾، ٦٩ صفحن تي مشتمل، آر. ايچ احمد برادرس، حيدرآباد، پاران ڇپيو، جنهن ۾ متن ۽ معنائون ڏنل آهن.[27]

**شيخ عبدالرزاق 'راز'جي جوڙيل ڪتاب** 'سر يمن ڪلياڻ' جو پهريون ڇاپو ١٩٥٦-١٩٥٧ع ۾، غير مجلد، ڪرائون سائز ۾، ٦+٢٣٢=٢٣٨ صفحن تي مشتمل، ١٠٠٠ جي تعداد ۾، ٻن رپين ۽ اٺن آنن جي قيمت ۾، مسلم ادبي پريس، حيدرآباد، مان ڇپجي، آر. ايچ. احمد اينڊ برادرس، حيدرآباد، پاران پڌرو ٿيو. ان ڪتاب ۾، ٦٢ صفحي ڪان





وٺي ١٩٩ صفحي تائين، اهنجن لفظن جون معنائون ۽ شعرن جون سمجهاڻيون ڏنل آهن. ان ڪتاب جو ٻيو عڪسي ڇاپو ١٩٧٠-١٩٧١ع ۾، غير مجلد، ڪرائون سائز ۾، ٢٠٠٠ جي تعداد ۾، ساڍن ٽن رپين جي قيمت ۾، نشان پرنٽرز، حيدرآباد، مان ڇپجي، آر. ايچ. احمد اينڊ برادرس، حيدرآباد، پاران پڌرو ٿيو.

**محمد عرس 'صائب'جو مرتب ڪيل ڪتاب** 'سر مومل راڻو'، ١٥٠ صفحن تي مشتمل، ١٩٥٩ع ۾ ايجوڪيشنل بڪ ڊيپو، حيدرآباد، پاران ڇپيو، جنهن ۾ متن سان گڏ معنائون ڏنل آهن.

**الهه بخش ٽالپر جي جوڙيل ڪتاب** 'سر سهڻي: مڪمل معنيٰ، شرح ۽ سمجهاڻين سان' (سر سهڻي جي شرح) جو پهريون ڇاپو ١٩٥٨-٥٩ع ۾، ٢٤٨ صفحن تي مشتمل، آر. ايچ. احمد برادرس، حيدرآباد، پاران ڇپيو[28]، جنهن ۾ معنائون، شرح ۽ سمجهاڻيون ڏنل آهن.[29] جڏهن ته ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي ان ڪتاب جو سن ١٩٥٨ع ڄاڻايو آهي ۽ معنائن بابت لکيو آهي.[30]

**رشيد احمد لاشاري جي جوڙيل ڪتاب** 'سر مارئي' جو ٽيون ڇاپو ١٩٦٠ع ۾، چوٿون ڇاپو نظرثاني ڪيل ۽ وڌايل ١٩٦٦ع ۾ ۽ پنجون ڇاپو ١٩٦٨ع ۾ ڇپيو، جنهن ۾ ٣٢٨ صفحا هئا. ان ڪتاب جو ڇهون ڇاپو ١٩٧١ع ۾، غير مجلد، ڪرائون سائز ۾، ١٠٠٠ جي تعداد ۾، ٣٠٤ صفحن تي مشتمل، چئن رپين جي قيمت ۾ اسٽوڊنٽس ايڊيشن ۽ ساڍن پنجن رپين جي قيمت ۾ لائبريري ايڊيشن، انڊس پرنٽرس، رسالا روڊ، حيدرآباد، مان ڇپجي، آر. ايچ. احمد اينڊ برادرس، حيدرآباد، پاران پڌرو ٿيو. ان ڪتاب ۾، ١٢١ صفحي ڪان وٺي آخري صفحي ٣٠٤ تائين، اهنجن لفظن جون معنائون ۽ شعرن جون سمجهاڻيون ڏنل آهن.

**ماستر محمد صديق 'مسافر'جي مؤلف ڪيل ڪتاب** 'سر سسئي آبري' جو پهريون ڇاپو، ١٩٦٠ع ۾، ڪرائون سائز ۾، غير مجلد، ١٠٠٠ جي تعداد ۾، ٢+١٨٧=١٨٩ صفحن تي مشتمل، مدينه پرنٽنگ پريس، حيدرآباد، مان ڇپجي، ٻن رپين ۽ ٥٠ پيسن جي قيمت ۾، آر. ايچ. احمد اينڊ برادرس، حيدرآباد، پاران پڌرو ٿيو، جنهن ۾، صفحي ١٥ ڪان ١٨٧ تائين، اهنجن لفظن جون معنائون ۽ شعرن جون سمجهاڻيون ڏنل آهن.

**ماستر محمد صديق گلاب خان 'مسافر'جي مؤلف ڪيل ڪتاب** 'سر آسا' جو پهريون ڇاپو ١٩٦٠-٦١ع ۾، ڪرائون سائز ۾، غير مجلد، ١٠٠٠ جي تعداد ۾، ١٢+١٢٠=١٣٢



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

صفحن تي مشتمل؛ ٻن رپين جي قيمت ۾؛ مديني پرنٽنگ پريس، حيدرآباد، مان ڇپجي؛ آر. ايڇ. احمد اينڊ برادرس، حيدرآباد، پاران پڌرو ٿيو، جنهن ۾ صفحي ۴۵ کان ۱۲۰ تائين، اهنجن لفظن ۽ فُقرن جون معنائون ۽ شعرن جون سمجهاڻيون ڏنل آهن.

**رشيد احمد لاشاري** جي جوڙيل ڪتاب 'سر مومل راڻو' جو ٻيو ڇاپو ۱۹۶۰-۶۱ع ۾، غير مجلد؛ ڪرائون سائز ۾؛ ۱۰۰۰ جي تعداد ۾؛ ۲۴۵ صفحن تي مشتمل؛ مديني پرنٽنگ پريس، رسالا روڊ، حيدرآباد، مان ڇپجي؛ آر. ايڇ. احمد اينڊ برادرس، حيدرآباد، پاران پڌرو ٿيو. ان ڪتاب ۾، صفحي ۹۱ کان آخري صفحي ۲۴۵ تائين، اهنجن لفظن جون معنائون ۽ شعرن جون سمجهاڻيون ڏنل آهن.

**ماسٽر محمد صديق 'مسافر'** جي مؤلف ڪيل ڪتاب 'سر ڪنيات' جو ٻهريون ڇاپو؛ ۱۹۶۰-۶۱ع ۾؛ ڪرائون سائز ۾؛ غير مجلد؛ ۱۰۰۰ جي تعداد ۾؛ ۲+۹۲=۹۴ صفحن تي مشتمل؛ مديني پرنٽنگ پريس، حيدرآباد، مان ڇپجي؛ ٻن رپين ۽ ۵۰ پيسن جي قيمت ۾؛ آر. ايڇ. احمد اينڊ برادرس، حيدرآباد، پاران پڌرو ٿيو، جنهن ۾، صفحي ۴۴ کان ۹۲ تائين، اهنجن لفظن جون معنائون ۽ شعرن جون سمجهاڻيون ڏنل آهن.

**محمد عرس 'صائب'** جي مؤلف ڪيل ڪتاب 'سر سارنگ' جو ٽيون ڇاپو ۱۹۶۱ع ۾؛ ڪرائون سائز ۾؛ ۱۰۰۰ جي تعداد ۾؛ ۴+۱۰۲=۱۰۶ صفحن تي مشتمل؛ ابراهيم پريس، حيدرآباد، مان ڇپجي؛ هڪ رپئي ۽ ۸ آنن جي قيمت ۾؛ ايجوڪيشنل بڪ ڊيپو، حيدرآباد، پاران پڌرو ٿيو، جنهن ۾، صفحي ۴۹ کان وٺي ۹۴ تائين، اهنجن لفظن جون معنائون ۽ سمجهاڻيون ڏنل آهن.

**ماسٽر محمد صديق 'مسافر'** جي مؤلف ڪيل ڪتاب 'سر ليلان ۽ چنيسر' جو ٻهريون ڇاپو ۱۹۶۲-۶۳ع ۾؛ غير مجلد؛ ڪرائون سائز ۾؛ ۱۰۰۰ جي تعداد ۾؛ ۲+۷۶=۷۸ صفحن تي مشتمل؛ ڏيڍ رپئي جي قيمت ۾؛ مديني پرنٽنگ پريس، حيدرآباد، مان ڇپجي؛ آر. ايڇ. احمد اينڊ برادرس، حيدرآباد، پاران پڌرو ٿيو، جنهن ۾ صفحي ۳۶ کان ۷۶ تائين، اهنجن لفظن جون معنائون ۽ شعرن جون سمجهاڻيون ڏنل آهن. ان ڪتاب جو ٻيو ڇاپو ۱۹۶۷-۶۸ع ۾؛ غير مجلد؛ ڪرائون سائز ۾؛ ۲۰۰۰ جي تعداد ۾؛ ۲+۷۶=۷۸ صفحن تي مشتمل؛ هڪ رپئي ۽ ۵۰ پيسن جي قيمت ۾؛ نيو گرين پرنٽرس، مير گارڊن، اسٽيشن روڊ، حيدرآباد، مان ڇپجي؛ آر. ايڇ. احمد اينڊ برادرس، حيدرآباد، پاران پڌرو ٿيو، جنهن ۾ صفحي ۳۶ کان ۷۶ تائين، اهنجن لفظن جون معنائون ۽ شعرن جون



ڪلاچي تحقيقي جرنل
Kalachi Research Journal

سمجهاڻيون ڏنل آهن.

**محمد صديق مسافر** جي مؤلف ڪيل ڪتاب 'سر ڪيڏارو' (لفظي، روحاني معنيٰ ۽ شرح سان) جو ٻهريون ڇاپو ۱۹۶۲-۶۳ع ۾؛ غير مجلد؛ ڪرائون سائز ۾؛ ۱۰۰۰ جي تعداد ۾؛ ۲+۸۰=۸۲ صفحن تي مشتمل؛ ڏيڍ رپين جي قيمت ۾؛ مديني پرنٽنگ پريس، حيدرآباد، مان ڇپجي؛ آر. ايڇ. احمد اينڊ برادرس، حيدرآباد، پاران پڌرو ٿيو، جنهن ۾ ۴۱ صفحي کان وٺي ۸۰ تائين، لفظن جون معنائون ۽ شعرن جون سمجهاڻيون ڏنل آهن.

**ماسٽر محمد صديق 'مسافر'** جي مؤلف ڪيل ڪتاب 'سر سهڻي' (لفظي ۽ روحاني معنائن ۽ سمجهاڻين سان) جو ٻهريون ڇاپو؛ ۱۹۶۴ع ۾؛ ڪرائون سائز ۾؛ غير مجلد؛ ۱۰۰۰ جي تعداد ۾؛ ۲+۲۱۷=۲۱۹ صفحن تي مشتمل؛ مديني پرنٽنگ پريس، حيدرآباد، مان ڇپجي؛ آر. ايڇ. احمد اينڊ برادرس، حيدرآباد، پاران پڌرو ٿيو. هن ڪتاب ۾، صفحي ۱۰۳ کان ۲۱۷ تائين، اهنجن لفظن جون معنائون ۽ سمجهاڻيون ڏنل آهن.

**محمد صديق 'مسافر'** جي مؤلف ڪيل ڪتاب 'سر ڪاموڏ' (شرح، معنيٰ ۽ سمجهاڻين سميت) جو ٻهريون ڇاپو ۱۹۶۴ع ۾؛ غير مجلد؛ ڪرائون سائز ۾؛ ۱۰۰۰ جي تعداد ۾؛ ۴+۴۳=۴۷ صفحن تي مشتمل؛ مديني پرنٽنگ پريس، حيدرآباد، مان ڇپجي؛ هڪ رپئي جي قيمت ۾؛ آر. ايڇ. احمد اينڊ برادرس، حيدرآباد، پاران پڌرو ٿيو، جنهن ۾، صفحي ۲۴ کان ۴۳ تائين، اهنجن لفظن جون معنائون ۽ سمجهاڻيون ڏنل آهن. ان ڪتاب جو هڪ وڌيڪ ڇاپو، ۲+۴۰=۴۲ صفحن تي مشتمل، ساڳئي اداري پاران، نوراني پرنٽنگ پريس، حيدرآباد، مان ڇپجي پڌرو ٿيو، جنهن تي ڇپائيءَ جو سن ڏنل نہ آهي.

**محمد صديق 'مسافر' ولد گلاب خان** جي مؤلف ڪيل ڪتاب 'سر سريراڳ' (لفظي ۽ معنوي معنائن ۽ شرح سان) جو ٻهريون ڇاپو ۱۹۶۳ع ۾؛ غير مجلد؛ ڪرائون سائز ۾؛ ۱۰۰۰ جي تعداد ۾؛ ۱۰۵ صفحن تي مشتمل؛ مديني پرنٽنگ پريس، حيدرآباد، مان ڇپجي؛ آر. ايڇ. احمد اينڊ برادرس، حيدرآباد، پاران پڌرو ٿيو، جنهن ۾ صفحي نمبر ۵۰ کان وٺي ۱۰۵ تائين، لفظن جون معنائون ۽ شعرن جون سمجهاڻيون ڏنل آهن. ساڳئي اداري پاران، ان ڪتاب جو ٻيو 'عڪسي' ڇاپو ۱۹۷۰ع ۾؛ غير مجلد؛ ڪرائون سائز ۾؛ ۲۰۰۰ جي تعداد ۾؛ ۱۰۴ صفحن تي مشتمل؛ ٻن رپين ۽ پنجويهن پيسن جي قيمت ۾؛ نوراني پرنٽنگ پريس، آڏواڻي گهٽي، حيدرآباد، مان ڇپجي پڌرو ٿيو، جنهن ۾ صفحي نمبر ۵۰ کان وٺي ۱۰۴ تائين، لفظن جون معنائون ۽ شعرن جون

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سمجهاڻيون ڏنل آهن.

**چيتن ماڙيوالا** جي مؤلف ڪيل ڪتاب 'شاهه عبداللطيف جو سُر سورٺ' جو پهريون ڇاپو ١٩٦٦ع، الهاس نگر، بمبئي، مان ڇپي پڌرو ڪيو. جنهن جي آخر ۾ اهنجن لفظن جون معنائون درج ڪيون. هن ڪتاب لاءِ، هُن ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي جوڙيل 'شاهه جي رسالي' مان مدد ورتي هئي.

**چيتن ماڙيوالا** جي مؤلف ڪيل ڪتاب 'شاهه عبداللطيف جو سُر مومل راڻو' جو پهريون ڇاپو ١٩٦٦ع ۾: ٤٤+١٤+٣٣=٩١ صفحن تي مشتمل: ڏيڍ رپئي جي قيمت ۾: الهاس نگر، بمبئي، مان ڇپجي پڌرو ٿيو. جنهن جي آخري حصي ۾، ٣٣ صفحن تي مشتمل، اهنجن لفظن جون معنائون ڏنل آهن. هن ڪتاب لاءِ، هُن ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي جوڙيل 'شاهه جي رسالي' مان مدد ورتي هئي.

**پروفيسر حبيب الله رحيم بخش مرزا** جو مرتب ڪيل ڪتاب 'سر مارئي' جو پهريون ڇاپو ١٩٦٧ع ۾: ڊيمي سائز ۾: ٩٩ صفحن تي مشتمل: نسيم (نصير؟) بڪ ڊيپو، حيدرآباد، پاران ڇپيو. جنهن ۾ متن سان لفظن جون معنائون ڏنل آهن. هيءُ ڪتاب، علامه آءِ آءِ قاضيءَ جي مرتب ڪيل 'شاهه جي رسالي' مان ترتيب ڏنل آهي.[31]

**ماستر عبدالرحمان دَلَ** 'شاهه جي رسالي' جا سمورا سُر، متن ۽ معنيٰ سان جدا جدا شايع ڪرايا، جن مان 'سر ڪلياڻ'، ١٩٧٤ع ۾، آر. ايڇ. احمد برادرس ڇپرايو ۽ ٻيا سر، ١٩٦٧ع کان ١٩٧٧ع دوران، آر. ايم. فتح برادرس، حيدرآباد، پاران ڇپيا.

**محمد صديق 'مسافر'** جي مؤلف ڪيل ڪتاب 'سر سورٺ' جو پهريون ڇاپو ١٩٦٧-٦٨ع ۾: غير مجلد: ڪرائون سائز ۾: ١٠٠٠ جي تعداد ۾: ٢+١٢٢=١٢٤ صفحن تي مشتمل: ٻن رپين جي قيمت ۾: مفيد پرنٽنگ پريس، حيدرآباد، مان ڇپجي: آر. ايڇ. احمد اينڊ برادرس، حيدرآباد، پاران پڌرو ٿيو. جنهن ۾ ٤٥ صفحي کان وٺي ١٢٢ تائين، لفظن جون معنائون ۽ شعرن جون سمجهاڻيون ڏنل آهن.

**چيتن ماڙيوالا** جي مؤلف ڪيل ڪتاب 'شاهه عبداللطيف جو سُر سهڻي' جو پهريون ڇاپو ١٩٦٨ع ۾: الهاس نگر، بمبئي، مان ڇپي پڌرو ڪيو. جنهن جي آخر ۾ اهنجن لفظن جون معنائون درج ڪيون. هن ڪتاب لاءِ، هُن ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي جوڙيل 'شاهه جي رسالي' مان مدد ورتي هئي.

**چيتن ماڙيوالا** جي مؤلف ڪيل ڪتاب 'شاهه عبداللطيف جو سُر ڪاموڏ' جو





پهريون ڇاپو ١٩٦٨ع ۾: الهاس نگر، بمبئي، مان ڇپي پڌرو ڪيو. جنهن جي آخر ۾ اهنجن لفظن جون معنائون درج ڪيون. هن ڪتاب لاءِ، هُن ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي جوڙيل 'شاهه جي رسالي' مان مدد ورتي هئي.

**اجمل بيگ قليچ بيگ مرزا** جي مؤلف ڪيل ڪتاب 'شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو سر سارنگ' جو پهريون ڇاپو ١٩٧٠ع ۾: ڪرائون سائز ۾: ٢٠٠٠ جي تعداد ۾: ١٠٨ صفحن تي مشتمل: پايونيئر پرنٽرس، رسالا روڊ، حيدرآباد، مان ڇپجي: ڏيڍ رپئي جي قيمت ۾: راما (پاڪ) بڪ ڊيپو، بڪ سيلرس ۽ پبلشرس هيرآباد، حيدرآباد، پاران پڌرو ٿيو. جنهن ۾، ٤٥ صفحي کان وٺي آخر تائين، اهنجن لفظن جون معنائون ۽ مطلب ڏنل آهن.

**ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ** جي ڪتاب 'شاهه جي رسالي جو سر ڏهر' جو پهريون ڇاپو ١٩٧٣ع ۾ ڇپيو. ان ڪتاب جو ٻيو ڇاپو ١٩٧٦ع ۾، غير مجلد: ڪرائون سائز ۾: ١٠٠٠ جي تعداد ۾: ٦+٩٤=١٠٠ صفحن تي مشمل: سنڌ پرنٽنگ پريس، اڪال پونگا ليب، حيدرآباد، مان ڇپجي: نسيم بڪ ڊيپو، فوجداري روڊ، حيدرآباد، پاران پڌرو ٿيو. جنهن ۾ صفحي ٤٥ کان ٩٠ تائين، لفظن جون معنائون ۽ سمجهاڻيون ڏنل آهن.

**قادر بخش 'زيب' ٻَٽِي** جي ڪتاب 'سر ڏهر' (شرح، معنيٰ ۽ سمجهاڻين سميت) جو پهريون ڇاپو ١٩٧٤ع ۾: غير مجلد: ڪرائون سائز ۾: ١٠٠٠ جي تعداد ۾: ٦١ صفحن تي مشتمل: ٻن رپين جي قيمت ۾: سنڌ پرنٽنگ پريس، حيدرآباد مان ڇپجي: زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد، پاران پڌرو ٿيو. هن ڪتاب ۾، صفحي ٢٨ کان ٦١ تائين، اهنجن لفظن جون معنائون ۽ سمجهاڻيون ڏنل آهن.

**رسول بخش ڏيري 'شرح لطيف'** (سُر ڪلياڻ ۽ يمن ڪلياڻ) ١٩٧٦ع ۾ ڪتاب جو پهريون ڇاپو، لطيف پبليڪيشن فريد آباد (تعلقي ميهڙ، ضلعي دادوءَ) پاران ڇپائي پڌرو ڪيو، جنهن ۾ سُر ڪلياڻ ۽ سُر يمن ڪلياڻ جي بيتن کي مختلف عنوانن ۾ ورهائي، انهن جي شرح ڪئي ويئي آهي. هن ڪتاب جو ٻيو ڇاپو (ڊيمي سائيز ۾) مهراڻ اڪيڊمي ڪراچيءَ ١٩٩٥ع ۾، ساڳئي عنوان هيٺ (صرف سُر يمن ڪلياڻ) ڇپائي پڌرو ڪيو، جيڪو ڊيمي سائيز جي ١٧٦ صفحن تي مشتمل آهي.

**ڊاڪٽر ميمڻ عبدالغفور سنڌيءَ** جي مؤلف ڪيل ڪتاب 'شرح سر ڏهر' جو پهريون ڇاپو ١٩٧٨ع ۾: ڪرائون سائز ۾: ١٠٠٠ جي تعداد ۾: ٥٥ صفحن تي مشتمل: اڍائي رپين جي قيمت ۾: ماڊرن پرنٽنگ پريس، نمر جي چاڙهي، سکر، مان ڇپجي:



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

مهراڻ پبلشرس، سکر، پاران ڇپرو ٿيو. جنهن ۾ 'سر ڏهر' جي چئني داستانن جي پڇاڙيءَ تي، 'ڏکين لفظن جي ڦرهي' ڏنل آهي.

**فياض احمد** جي مؤلف ڪيل ڪتاب 'شاهه جو چونڊ ڪلام' جو پهريون ڇاپو جُون ۱۹۷۸ع ۾: ڊيمي سائز ۾: غير مجلد: ۲۰۰۰ جي تعداد ۾: ۲+۵۰=۸۲ صفحن تي مشتمل: ٻن رپين جي قيمت ۾: مرتضيٰ پريس، حيدرآباد. مان ڇپجي: اسلامي جمعيت طلبہ پاڪستان، صوبہ سنڌ، حيدرآباد. پاران ڇپرو ٿيو. جنهن ۾ صفحي ۳ کان وٺي ۵۰ تائين، فوٽ نوٽ ۾، اهنجن لفظن جون معنائون ڏنل آهن.

**انور هالائي** جي مرتب ڪيل ڪتاب 'ٻارن جو شاهه' جو پهريون ڇاپو فيبروري ۱۹۸۲ع ۾: غير مُجلد: ڊيمي سائز ۾: ۱۰۰۰ جي تعداد ۾: ۴+۱۰۸=۱۱۲ صفحن تي مشتمل: ٦ رپين جي قيمت ۾، سهڻي پرنٽرس، الهندو ڪچو، حيدرآباد، مان ڇپجي: سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن، ڪراچي، پاران ڇپرو ٿيو. هن ڪتاب ۾، 'مهاڳ' محمد ابراهيم جوئي پاران، 'پنهنجي پاران' انور هالائي پاران ۽ 'ناشر پاران' ادل سومري طرفان لکيل آهي، جنهن کان پوءِ رسالي جون لوڪ آکاڻيون ڏنيون ويون آهن. انهن کان پوءِ شاهه جي مختلف سرن مان چونڊ شاعري ڏني وئي آهي. ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾، صفحي ۹۸ کان صفحي ۱۰۸ تائين، شامل ڪيل سُرن ۾ آيل بيتن جي اهنجن لفظن جون معنائون ڏنيون ويون آهن.

**آزاد ابوبڪر چُنّي** جو ڪتاب 'ڀٽ جو ڀٽائي' جو پهريون ڇاپو ۲۰۱۰ع ۾: غير مُجلد: ڊيمي سائز ۾: ۵۰۰ جي تعداد ۾: ۱۹۱ صفحن تي مشتمل: ڀارت واسي پريس، حيدرآباد، سنڌ، مان ڇپجي: گنج بخش ڪتاب گهر، حيدرآباد، پاران ڇپرو ٿيو. متس ڇپائيءَ جو سن ڇپيل نہ آهي، پر ليکڪ جي لکيل 'مهاڳ' ۾ ۲۰ مارچ ۲۰۱۰ع جي تاريخ ڏنل آهي، جنهن مان پڌرو آهي تہ هيءُ ڪتاب ۲۰۱۰ع ۾ يا ان کان پوءِ ڇپيو آهي. ڪتاب ۾ مختلف باب ڏنل آهن. جن ۾ آخري باب 'لغات لطيفي' جي عنوان سان، صفحي ۱۶۶ کان صفحي ۱۹۱ تائين آهي، جنهن ۾ صفحي ۱۶۶ تي ڪجهه لطيفي لغتن جو مختصر ذڪر آهي، جنهن کان پوءِ ۱۶۷ صفحي کان وٺي، پڇاڙيءَ تائين، هر صفحي تي چار ڪالم ڏنل آهن. جن مان ٻن ڪالمن ۾ اهنجا لفظ ۽ ٻن ڪالمن ۾ انهن لفظن سامهون معنائون ڏنل آهن. البت اهي الف-بي جي ترتيب ۾ نہ آهن.

**راز شاهاڻي** جي مرتب ڪيل ڪتاب 'ٻارڙن جو شاهه' جو پهريون ڇاپو ۲۰۱۴ع





۾: ڊبل ڪرائون سائز ۾: مجلد: ۱۰۰۰ جي تعداد ۾: ۱۴۳ صفحن تي مشتمل: ۱۷۵ رپين جي قيمت ۾: سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشوري، پاران ڇپرو ٿيو. جنهن ۾ ٻارن جي رسالي 'گل ڦل' ۾ ڇپيل شاهه جي چونڊ بيتن کي سهيڙيو ويو آهي. جنهن ۾ بيتن جون سمجهاڻيون ۽ لفظن جون معنائون پڻ شامل آهن. ڪتاب ۾ پبلشر نوٽ سيڪريٽري الهڏتي وگهيي، ٻہ اکر راز شاهاڻيءَ ۽ مهاڳ نصير مرزا جو لکيل آهي، جڏهن تہ اسڪيچ مراد علي شاهه بکيرائيءَ جا ٺهيل آهن.

**شاهه جي ٻوليءَ تي ڇپيل ڪتابن ۾ معنائن جو مطالعو:**

شاهه جي رسالن ۽ سُرن جي ڪتابن سميت ڪي اهڙا ڪتاب بہ ڇپيا آهن، جن ۾ شاهه سائينءَ جي ٻوليءَ ۽ گرامر کي محور بڻائي مطالعو ڪيو ويو آهي، اهڙن ڪتابن ۾ پڻ مختلف لفظن ۽ اصطلاحن جي معنائن ۽ سمجهاڻين کي بحث هيٺ آندو ويو آهي. هيٺ سنن جي ترتيب موجب انهن ڪتابن جو ذڪر ڪجي ٿو، جن ۾ شاهه لطيف جي لفظن ۽ انهن جي معنائن جو ذڪر آهي.

**آفتاب ابڙي (ڊاڪٽر)** جو تحقيق ڪيل ڪتاب 'شاهه جي ٻولي' جو پهريون ڇاپو ۱۹۹۰ع ۾: مُجلد: ڊيمي سائز ۾: ۱۰۰۰ جي تعداد ۾: ۱۵۰ صفحن تي مشتمل: سنڌي ڪتاب گهر، ڪراچي، پاران مظهر يوسف ڇپائي پڌرو ٿيو. هن ڪتاب ۾ 'ٻہ اکر' سيد غلام مصطفيٰ شاهه جا لکيل آهن ۽ 'مقدمو' ڊاڪٽر نواز علي شوق جو لکيل آهي، جڏهن تہ 'ناشر پاران' ۽ 'ليکڪ پاران' پڻ ڏنل آهن. هن ڪتاب ۾ هي باب شامل آهن: (۱) سنڌي ٻولي، (۲) شاهه جي دور کان اڳ جي ٻولي، (۳) شاهه جي دور جي ٻولي، (۴) شاهه جي ٻولي، ۽ (۵) شاهه جي ڪلام تي ٻين ٻولين جو اثر. هن ڪتاب ۾ شاهه جي ٻوليءَ ۽ سنڌس لغت جو اڀياس شامل آهي.

**ج. ع. منگهاڻي** جي ڪتاب 'ڇپر ڪين ڏي...' (شاهه لطيف جي ٻوليءَ جو تحقيقي جائزو) جو پهريون ڇاپو مئي ۲۰۰۲ع ۾: مجلد: ڊيمي سائز ۾: ۲۱۹ صفحن تي مشتمل: ۱۵۰ رپين جي قيمت ۾: شعبي تصنيف، تاليف ۽ ترجمي، ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ ڇپجي، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي، پاران پڌرو ٿيو. هن ڪتاب جي ايڊيٽر ڊاڪٽر فهميده حسين آهي، جنهن پاران 'ناشر پاران' نوٽ پڻ لکيل آهي. ڪتاب جو مهاڳ ليکڪ جو لکيل آهي. هن ڪتاب ۾ شاهه

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

لطيف جي سرجيل مختلف بيتن ۽ وائين ۾ ڪتب آندل لفظن جون معنائون، چنڊڇاڻ هيٺ آنديون ۽ پنهنجي پاران معنائون ڏئي سمجهاڻيون پيش ڪيون آهن.

**سيد اظهر گيلاني** جي مرتب ڪيل 'شاهه جي ڪلام ۾ پهاڪا ۽ محاورا' جو پهريون ڇاپو مئي ٢٠٠٤ع ۾، غير مجلد، ڊيمي سائز ۾، ١١٠٠ جي تعداد ۾، ١٤٢ صفحن تي مشتمل، ٦٠ رپين جي قيمت ۾، اسحاقيه آرٽ پريس، ڪراچيءَ، مان ڇپجي، مهراڻ اڪيڊمي، شڪارپور، پاران پڌرو ٿيو. هن ڪتاب ۾، 'رسالي' جي ٣٤ سُرن مان پهاڪن ۽ محاورن وارا بيت چونڊي ڏنا ويا آهن، جن ۾ آيل اهڃن لفظن جون معنائون صفحن جي پڇاڙيءَ ۾ ڏنيون ويون آهن. ان ڪتاب کي تازو انجنيئر عبدالرسول سهتي 'شاهه جي رسالي جو پهاڪاتي پهلو' ۾ شامل ڪيو آهي.

**محترمہ ج. ع منگهاڻي** جي ڪتاب 'شاهه لطيف جي ٻولي: تحقيقي جائزو' جو پهريون ڇاپو اپريل ٢٠٠٦ع ۾، مجلد، ڊيمي سائز ۾، ١٠٠٧ صفحن تي مشتمل، ٤٠٠ رپين جي قيمت ۾، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي، پاران ڇپيو. هن ڪتاب تي نظرثاني ۽ ايڊيٽنگ ڊاڪٽر فهميده حسين جي ڪيل آهي، جنهن مفصل مقدمو پڻ لکيو آهي. ڪتاب جو مهاڳ ليکڪ جو لکيل آهي. هن ڪتاب ۾ شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ ڪتب آندل لفظن جون معنائون، لسٻيلي ۽ ڪوهستان جي علائقن ۾ مروج مفهومن مطابق، ڏنيون ۽ تجزيي هيٺ آنديون ويون آهن ۽ ٻين لطيفي شارحن جي ڏنل معنائن جي چنڊڇاڻ ڪئي وئي آهي.

**الهه نواز رڪٽائيءَ** جي ڪتاب 'چار هٽ ۾ چار: ڀٽائيءَ جي سر ڪاموڏ جي لغات بابت تحقيق' جو پهريون ڇاپو ٢٠٠٦ع ۾، مجلد، ڊيمي سائز ۾، ٩٦ صفحن تي مشتمل، ١٥٠ رپين جي قيمت ۾، عرشي پبليڪيشن، پريا سِٽي، پاران پڌرو ٿيو. ڪتاب جو مهاڳ اصغر ٻَتي پرياڻيءَ جو لکيل آهي. هن ڪتاب ۾ هي مضمون شامل آهن: "شاهه سائينءَ جي فڪري اڏام ۽ فلسفو، سر ڪاموڏ ۾ آيل لفظن جي لغت، سر ڪاموڏ جي لغت، سر ڪاموڏ ۾ جيڪي غلط لفظ لغات يا رسالن ۾ آيا آهن ۽ گربخشاڻيءَ جي شرح ۾ غلط معنيٰ وارا آندل لفظ. هن ڪتاب ۾ ليکڪ ٥٢ بيتن جي تضاد واري معنيٰ کي رد ڪندي صغيح معنيٰ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ انهن بيتن جي سمجهاڻي بہ ڏني آهي. ڪتاب جي آخر ۾ ١٨٨ لفظن جون معنائون ڏنل آهن."(٣٢)

**ڊاڪٽر بدر ڍامراهي** جي ڪتاب 'لطيفي انسائيڪلوپيڊيا' جو پهريون ڇاپو



Kalachi Research Journal ڪلاچي تحقيقي جرنل

٢٠٠٧ع ۾، مجلد، ڊيمي سائز ۾، ٢٤٢ صفحن تي مشتمل، ١٥٠ رپين جي قيمت ۾، روشني پبليڪيشن، ڪنڊياري، پاران ڇپيو. هيءُ ان موضوع تي پهريون ڪتاب آهي، جنهن جو مهاڳ ليکڪ پاران لکيل آهي. هن ڪتاب ۾، مواد کي پارهن بابن ۾ ورهائي، الف-بي وار ترتيب ۾ داخلائون آنديون ويون آهن، جن ۾ شاهه جي شاعري ۾: 'وڻ ٽڻ، ميوا ۽ اناج'، 'پکي پکڻ'، 'چوپايا جانور'، 'جيت جڻيا ۽ بلائون'، 'الله پاڪ ۽ ان جي پيغمبرن ۽ پنجتن پاڪ جو ذڪر'، 'سورما ۽ سورميون'، 'پورهيت'، 'ذاتيون'، 'جوڳي فقير'، 'هٿيار'، 'ماڳ، مڪان، ڍنڍون، ڍورا ۽ درياءَ' ۽ 'رنگن جو استعمال' جا باب شامل آهن.

**محمد حسين 'ڪاشف'** جو تحرير ۽ تحقيق ڪيل ڪتاب 'شاهه جي رسالي جي سُڃاڻي' ٻن جلدن ۾، ثقافت ۽ سياحت کاتي، سنڌ حڪومت، پاران ڇپجي پڌرو ٿيو. 'پهرين جلد' جو پهريون ڇاپو ٢٠١٠ع ۾، مُجلد، ڊيمي سائز ۾، ٦٣٧ صفحن تي مشتمل، ٥٠٠ رپين جي قيمت ۾، عربيہ پبليڪيشنس، ڪراچي، ۾ ڇپيو، جڏهن تہ 'ٻيو جلد' ٢٠١١ع ۾، مُجلد، ڊيمي سائز ۾، ٥٢٨ صفحن تي مشتمل، ٥٠٠ رپين جي قيمت ۾، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، ۾ ڇپيو. شاهه لطيف جي ٻوليءَ تي ٻنهي جلدن ۾ ڪيل هن تحقيقي ڪم ۾ 'شاهه جي رسالي' مان سر وار بيتن کي پيش ڪري، لفظن جي معنائن کي چنڊيو ڇاڻيو ويو آهي. هي ٻئي جلد شاهه لطيف جي هڪ جامع لغت جوڙڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندا.

**محمد هنگورجي** جي ڪتاب 'ڏوريندي ڏسن' (شاهه جي ڪلام ۾ محققن جي مونجهارن جي چنڊڇاڻ) جو پهريون ڇاپو ڊسمبر ٢٠١٤ع ۾، مجلد، ڊيمي سائز ۾، ١٩٠ صفحن تي مشتمل، ٣٠٠ رپين جي قيمت ۾، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، مان ڇپجي، نئين جاڪوڙ پبليڪيشن، مٺي، ٿرپارڪر، سنڌ، پاران پڌرو ٿيو. هن ڪتاب ۾ 'مهاڳ' نور احمد جنجهي جو ۽ 'پسو جا پٽن ۾ ڪتوريءَ خوشبوءِ...' عنوان سان ليک آڪاش انصاريءَ جو لکيل آهي، جڏهن تہ مصنف پاران 'پنهنجي پاران' پڻ شامل ڪيل آهن. هن ڪتاب ۾ شاهه لطيف جي ٻوليءَ، لفظن ۽ معنائن جي حوالي سان ڪيل مختلف محققن جي تحقيقي ڪم تي تنقيدي نظر وڌي وئي آهي.

**پروفيسر غلام رسول اڪرم سومري**، 'شاهه جا بيت - تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو' ترتيب وار ٢٠١٤ع ۽ ٢٠١٥ع ۾ شايع ڪيا آهن. جن ۾ خاص طور ڊاڪٽر بلوچ



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

صاحب جي ڪيل معنائن جو تاريخي، تنقيدي جائزو پيش ڪيو ويو آهي. پهريون ڇاپو ’تنظيم فڪر ۽ نظر ۽ ٻيو سنڌيڪا اڪيڊمي شايع ڪيو آهي.

**پروفيسر ڊاڪٽر فهميده حسين ۽ پروفيسر محمد سليم ميمڻ جي ايڊٽنگ ڪيل** ڪتاب ’شاهه عبداللطيف ڀٽائي انسائيڪلوپيڊيا‘ (جلد پهريون) جو پهريون ڇاپو ڊسمبر ٢٠١٧ع ۾؛ مجلد؛ ڊبل ڊيمي سائز ۾؛ ١٠٠٠ جي تعداد ۾؛ ٤٢+٤٤٩=٤٩١ صفحن تي مشتمل؛ ٢٥٠٠ رپين جي قيمت ۾؛ پيڪاڪ پرنٽرس، ڪراچيءَ، مان ڇپجي؛ شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، پاران پڌرو ٿيو. هن جُلد جو نگران اعليٰ پروفيسر ڊاڪٽر غلام علي الانا آهي ۽ چيف ايڊيٽرَ پروفيسر ڊاڪٽر فهميده حسين ۽ پروفيسر محمد سليم ميمڻ آهن. ان انسائيڪلوپيڊيا ۾، تفصيلي فهرست ١٨ صفحن تي پکڙيل آهي، جنهن کان پوءِ ’پبلشر نوٽ‘ پروفيسر محمد سليم ميمڻ پاران، ’ٻه اکر‘ ڊاڪٽر فهميده حسين پاران ۽ ’مقدمو‘ ڊاڪٽر غلام علي الانا پاران لکيل آهن. هن ڪتاب ۾، مواد ڪي ڇئن بابن ۾ ورهايو ويو آهي، جن ۾ شاهه لطيف جي سوانح حيات، شخصيت، سيرن سفرن، مِٿن مائٽن، زندگيءَ جي واقعن، ڀٽ شاهه (درگاهه) سان لاڳاپيل ريتن ۽ رسمن، طريقت جي سلسلي، شاهه لطيف جي خدمتگارن ۽ فقيرن، وفات، عرس، ڀٽ شاهه تي موجود شاهه لطيف جي يادگار شين، شاهه لطيف جي دَور، ڀٽ شاهه جي تعارف، ڀٽ شاهه تي مدفون شخصيتن، ۽ شاهه لطيف جي متقدمين، دوستن، همعصرن ۽ متاخرين بابت داخلائون شامل آهن. شاهه جي ٻوليءَ ۽ لغت بابت پهرئين جلد ۾ مواد شامل ڪونهي. ممڪن آهي ته اهو رهيل جلدن مان ڪنهن هڪ ۾ آندو وڃي.

**ڊاڪٽر شازيہ سفير جي پي ايچ ڊي تي مشتمل تحقيقي ڪتاب** ’شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جو لسانياتي اڀياس‘ جو پهريون ڇاپو ٢٠١٧ع ۾؛ مُجلد؛ ڊيمي سائز ۾؛ ١٠٠٠ جي تعداد ۾؛ ٢٩٦ صفحن تي مشتمل؛ ٥٠٠ رپين جي قيمت ۾، پاڪيزه پرنٽرس، حيدرآباد، مان ڇپجي؛ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري، حيدرآباد، پاران پڌرو ٿيو. هن ڪتاب ۾، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي ۾ موجود مختلف لهجن ۽ مختلف ڪِرتن جي مطالعي سميت صوتياتي، صرفياتي، نحوياتي، معنوياتي وغيره مطالعو ڪيو ويو آهي ۽ ڪن لفظن جون معنائون پڻ ڏنيون ويون آهن.

**شاهه جي لغت بابت مضمون ۽ مقالا:**





شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي لغتن ۽ رسالن سميت ڪي انفرادي مضمون ۽ مقالا پڻ ’رسالي‘ جي لغت جي حوالي سان لکيا ويا آهن، جن ۾ پڻ اهنجن لفظن ۽ اصطلاحن کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جون ڪوششون ڪيون ويون آهن. هيٺ انهن مضمونن ۽ مقالن جو ذڪر ڪجي ٿو.

**عبدالڪريم سنديلي (ڊاڪٽر)** جو مضمون ’شاهه ڀٽائيءَ جي ڪلام جو لغوي پهلو‘، ماهنامي ’نئين زندگي‘ ۾، فيبروري ١٩٥٦ع ۾، صفحي ٣ کان صفحي ٥ تائين ڇپيو، جنهن ۾ شاهه جي لغت جي حوالي سان ويچار ونديل آهن.

**اميرالدين راٺوڙ ’ريگستانيءَ‘** جو مضمون ’ڀٽائيءَ جي ڪن بيتن جي غلط معنيٰ ورتل‘، ماهنامي ’نئين زندگي‘ ۾، آڪٽوبر ١٩٥٨ع ۾، صفحي ٢٥ ۽ ٢٦ تي ڇپيو، جنهن ۾ سر مارئيءَ جي ٻن بيتن ۽ سر حسينيءَ جي هڪ بيت جي معنيٰ جي ڇنڊڇاڻ ڪيل آهي.

**سيد نجف علي شاهه ’ڪمتر‘ نقوي** جو مقالو ’سر ڪلياڻ جي لغت‘، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي مرتب ڪيل ڪتاب ’سر ڪلياڻ جو مطالعو‘ ۾، صفحي ٢١ کان ٢٩ تائين ڇپيو. ان ڪتاب جو پهريون ڇاپو اپريل ١٩٧٠ع ۾، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، حيدرآباد، پاران ڇپيو. هيءُ مقالو ’سر ڪلياڻ جي لغت ۽ معنيٰ‘ جي عنوان سان، ضياءُ الدين آغا جي مرتب ڪيل ڪتاب ’شاهه عبداللطيف ڀٽائي: چونڊ مضمون‘، پهريون ڇاپو ١٩٩٧ع، ڇپائيندڙ شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه، ۾، صفحي ٤٥ کان ٥٢ تائين، پڻ ڇپيو. ان مقالي ۾، رسالي جي حوالي سان، لفظ ’تي‘ جي املا ۽ معنيٰ تي بحث ڪيل آهي.

**اميرالدين راٺوڙ ’ريگستانيءَ‘** جو مضمون ’غلط معنائن تي بحث‘، ماهنامي ’نئين زندگي‘ ۾، اپريل ١٩٧١ع ۾، صفحي ٢٣-٢٦ تي ڇپيو.[٣٣]

**سيد نجف علي شاهه ’ڪمتر‘ نقوي** جو مقالو ’لغت ۽ معنيٰ‘، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي مرتب ڪيل ڪتاب ’سر جمن (يمن) جو مطالعو‘ ۾، صفحي ٨٨ کان ٩٧ تائين ڇپيو. ان ڪتاب جو پهريون ڇاپو اپريل ١٩٧١ع ۾، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪميٽي، حيدرآباد، پاران ڇپيو. ان مقالي ۾، لفظ ’انگهن‘ جي املا ۽ معنيٰ تي بحث ڪيل آهي.

**محمد اسماعيل شيخ** جو مقالو ’لفظن جون معنائون‘، ڊاڪٽر نبي بخش خان



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

بلوچ جي مرتب ڪيل ڪتاب 'سر جمن (يمن) جو مطالعو' ۾، صفحي ٩٨ کان ١١٠ تائين ڇپيو. ان ڪتاب جو پھريون ڇاپو اپريل ١٩٧١ع ۾، شاھ عبداللطيف ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز ڪميٽي، حيدرآباد، پاران ڇپيو، جنھن ۾، سر جمن جي اھنجن لفظن جي معنائون الف-بي وار ترتيب ۾ ڏنل آھن. جڏھن تہ ڪن لفظن جا مصدر پڻ ڏنا ويا آھن.

**سيد نجف علي شاھ 'ڪمتر' نقوي** جو مقالو 'لغت'، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي مرتب ڪيل ڪتاب 'سر ڪنيات جو مطالعو' ۾، صفحي ٩٣ کان ٩٨ تائين ڇپيو. ان ڪتاب جو پھريون ڇاپو مارچ ١٩٧٢ع ۾، شاھ عبداللطيف ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز، حيدرآباد، پاران ڇپيو. ان مقالي ۾، لفظ 'امارو' جي معنيٰ تي بحث ڪيل آھي.

**سيد نجف علي شاھ 'ڪمتر' نقوي** جو مقالو 'ٻاروچي ٻولي'، ٽماھي 'مھراڻ' ١٩٧٣/ ٤ع ۾، صفحي ١٣٥ کان ١٤١ تائين ڇپيو. ان مقالي ۾، مختلف لفظن جي معنيٰ تي بحث ڪيل آھي.

**سيد نجف علي شاھ 'ڪمتر' نقوي** جو مقالو 'سر سريراڳ جي لغت'، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي مرتب ڪيل ڪتاب 'سر سريراڳ جو مطالعو' ۾، صفحي ٣٥ کان ٤٢ تائين ڇپيو. ان ڪتاب جو پھريون ڇاپو ١٩٧٣ع ۾، شاھ عبداللطيف ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز، حيدرآباد، پاران ڇپيو. ھيءُ مقالو ساڳئي عنوان سان، ضياءُ الدين آغا جي مرتب ڪيل ڪتاب 'شاھ عبداللطيف ڀٽائي: چونڊ مضمون'، پھريون ڇاپو ١٩٩٧ع، ڇپائيندڙ شاھ عبداللطيف ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاھ، ۾، صفحي ١١١ کان ١١٧ تائين، پڻ ڇپيو.

**سيد نجف علي شاھ 'ڪمتر' نقوي** جو مقالو 'سر سامونديءَ ۾ لغت'، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي مرتب ڪيل ڪتاب 'سر ساموندي جو مطالعو' ۾، صفحي ٦٦ کان ٧٣ تائين ڇپيو. ان ڪتاب جو پھريون ڇاپو ١٩٧٤ع ۾، شاھ عبداللطيف ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز ڪميٽي، ڀٽ شاھ، پاران ڇپيو. ان مقالي ۾، لفظ 'آونگ' جي معنيٰ تي بحث ڪيل آھي.

**سيد نجف علي شاھ 'ڪمتر' نقوي** جو مقالو 'شرح لطيفي'، ماھوار 'نئين زندگي' ۾، مئي ١٩٦٨ع ۾، صفحي ٦٦ کان ٧٣ تائين ڇپيو، جنھن ۾ شاھ جي ٽن بيتن موجب لفظن جي معنيٰ تي بحث ڪيل آھي.

**سيد نجف علي شاھ 'ڪمتر' نقوي** جو مقالو 'سر سھڻيءَ جي لغت ۽ معنيٰ'،





ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي مرتب ڪيل ڪتاب 'سر سھڻي جو مطالعو' ۾، صفحي ٨٦ کان ٩٢ تائين ڇپيو. ان ڪتاب جو پھريون ڇاپو فيبروري ١٩٧٥ع ۾، شاھ عبداللطيف ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز، حيدرآباد، پاران ڇپيو. ھيءُ مقالو ساڳئي عنوان سان، ضياءُ الدين آغا جي مرتب ڪيل ڪتاب 'شاھ عبداللطيف ڀٽائي: چونڊ مضمون'، پھريون ڇاپو ١٩٩٧ع، ڇپائيندڙ شاھ عبداللطيف ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاھ ۾: صفحي ١٤٧ کان ١٥٣ تائين، پڻ ڇپيو. ان مقالي ۾، لفظ "آڪو/آنڪو" جي املا ۽ معنيٰ تي بحث ڪيل آھي.

**سيد نجف علي شاھ 'ڪمتر' نقوي** جو مقالو 'سر آبريءَ جي لغت'، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي مرتب ڪيل ڪتاب 'سر سسئي آبري جو مطالعو' ۾، صفحي ٣٨ کان ٤٥ تائين ڇپيو. ان ڪتاب جو پھريون ڇاپو ١٩٧٦ع ۾، شاھ عبداللطيف ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز ڪميٽي، ڀٽ شاھ، پاران ڇپيو.

**سيد نجف علي شاھ 'ڪمتر' نقوي** جو مقالو 'لغت ۽ معنيٰ'، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي مرتب ڪيل ڪتاب 'سر معذور جو مطالعو' ۾، صفحي ٥٠ کان ٥٦ تائين ڇپيو. ان ڪتاب جو پھريون ڇاپو فيبروري ١٩٧٧ع ۾، شاھ عبداللطيف ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاھ، پاران ڇپيو. ھيءُ مقالو ساڳئي عنوان سان، ضياءُ الدين آغا جي مرتب ڪيل ڪتاب 'شاھ عبداللطيف ڀٽائي: چونڊ مضمون'، پھريون ڇاپو ١٩٩٧ع، ڇپائيندڙ شاھ عبداللطيف ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاھ ۾، صفحي ٣٦٧ کان ٣٨٢ تائين، پڻ ڇپيو. ان مقالي ۾، لفظ 'ڀَٽُ' جي معنيٰ تي بحث ڪيل آھي.

**علي محمد مجروح** جو مقالو/مضمون 'شاھ لطيف ۽ ڪوھستاني ٻولي'، ڪريم بخش خالد جي سھيڙيل ڪتاب 'سي آيتون آھين' ١٩٧٩ع ۾، صفحي ٢٧ کان ٢٩ تائين ڇپيو، جنھن ۾ شاھ جي رسالي ۾ 'سر ڪلياڻ' ۾ ڪتب آندل ڪوھستاني لھجي جا لفظ، انھن جون معنائون ۽ مثالي جملا ڏنا ويا آھن.

**آفتاب ابڙي (ڊاڪٽر)** جو مقالو 'لطيف لغت جي ضرورت'، ڪريم بخش خالد جي مرتب ڪيل ڪتاب 'شاھ عبداللطيف ڀٽائي: احوال ۽ افڪار' ۾، صفحي ١٨ کان ٢٠ تائين ڇپيو. ان ڪتاب جو پھريون ڇاپو ڊسمبر ١٩٨١ع ۾، اطلاعات کاتي سنڌ پاران ڇپيو. ان مضمون لطيف لغت جوڙڻ بابت اپاءَ وٺڻ ۽ حڪمت عملي جوڙڻ جو ڏس ڏنو ويو آھي.

**آفتاب ابڙي (ڊاڪٽر)** جو مضمون 'شاھ جي رسالي جو لغوي جائزو'، ڪريم

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

بخش خالد جي مرتب ڪيل ڪتاب ’نذرِ لطيف‘ ۾، صفحي ٣٢ کان ٣٥ تائين ڇپيو. ان ڪتاب جو پهريون ڇاپو ڊسمبر ١٩٨٢ع ۾، تعلقات عامه کاتي سنڌ پاران ڇپيو. ان مضمون ۾ شاهه سائينءَ جي بيتن مان ڪجهه لفظن تي ويچار ونديل آهن.

**سيد نجف علي شاهه ’ڪمتر‘ نقوي** جو مقالو ’ٻاروچي ٻولي‘ [حصو ٻيو]، لطيف ميڊيڪوز ايسوسيئيشن لاڙڪاڻي پاران ڇپرايل مخزن ’ڪينجهر‘ (شاهه لطيف نمبر) ۾، ١٩٨٢ع ۾، صفحي ٧٠ کان ٧٦ تائين ڇپيو. ان مقالي ۾، مختلف لفظن جي معنيٰ تي بحث ڪيل آهي.

**احمد خان ڪيريي** جو مضمون ’سر مومل راڻو ۾ محاورن جو استعمال‘، ماهوار ’نئين زندگي‘ حيدرآباد ۾، نومبر ١٩٨٣ع ۾، صفحي ٢٠-٢٣ تائين ڇپيو، جنهن ۾ ان سُر ۾ ڪتب آيل اصطلاحن جون معنائون ڏنيون ويون آهن.

**ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي** جو مقالو ’شاهه جي رسالي ۾ آيل خاص لفظن جي لغات‘، سنڌي شعبي، سنڌ يونيورسٽيءَ، جي تحقيقي جرنل ’ڪينجهر‘ جي ١٩٨٧ع واري شماري ۾، صفحي ٠٥ کان صفحي ٤٦ تائين ڇپيو، جنهن ۾، الف-بي وار ترتيب ۾، ’رسالي‘ ۾ آيل اسم خاص لفظن جون معنائون ۽ سمجهاڻيون ڏنيون ويون آهن، جن ۾ ماڳ مڪان، جانور، پکي، وڻ ٽڻ، وکر وغيره شامل آهن.

**حافظ ارشد انڍڙ** جو مضمون ’شاهه جي رسالي ۾ اسلامي اصطلاح‘ (قسط-١) ماهوار ’پيغام‘ ڪراچي ۾، مئي ١٩٨٨ع ۾، صفحي ٤ کان ١١ تائين ڇپيو. ان مضمون جي ’قسط-٢‘ ساڳئي رسالي جي آگسٽ ١٩٨٨ع ۾، صفحي ٤ کان ١٩ تائين ڇپي. ان مضمون ۾، موضوع آڌار اصطلاحن جون مفصل معنائون ۽ سمجهاڻيون ڏنيون ويون آهن.

**نور افروز خواجه (ڊاڪٽر)** جو مضمون ’سر ڪلياڻ ۾ اصطلاح‘، سنڌي شعبي، سنڌ يونيورسٽيءَ، جي تحقيقي جرنل ’ڪينجهر-٢‘، ١٩٨٨ع واري شماري ۾، صفحي ٧٩ کان صفحي ٩٢ تائين ڇپيل آهي، پر اصطلاحن وارو حصو ٨٣ صفحي تائين آهي.

**آفتاب ابڙي (ڊاڪٽر)** جو مقالو ’سر ڏهر جي لغات‘، ڊاڪٽر نواز علي شوق جي مرتب ڪيل ڪتاب ’سر ڏهر‘ ۾، صفحي ٢١٩ کان ٢٤٠ تائين ڇپيو. ان ڪتاب جو پهريون ڇاپو ١٩٨٩ع ۾، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه/حيدرآباد، پاران ڇپيو. اها لغت الف-بي وار نه آهي، پر سر ڏهر جي ١٩ بيتن ۾ آيل اهنجن لفظن ۽ اصطلاحن جي معنائن کي هر هڪ بيت جي هيٺان واضح ڪيو ويو آهي.





**نور افروز خواجه (ڊاڪٽر)** جو مضمون ’شاهه جي ڪلام ۾ آيل اصطلاح‘ (سر ڪنڀات، سر سارنگ، سر سامونڊي، سر ڪيڏارو ۽ سر ڏهر) ڇماهي ’سنڌي ادب‘ تحقيقي جرنل ۾، ١٩٨٩/١ع ۾، صفحي ٢٤٩-٢٥٩ تي ڇپيو. ان مضمون ۾ سرن جي بيتن هيٺان، اصطلاح ۽ انهن جون معنائون ڏنيون ويون آهن.

**ڊاڪٽر مرليڌر ڪشنچند جيٽلي** جو مقالو ’شاهه جي رسالي ۾ ’ڪيڪاڻ‘ لفظ جي پڙهڻي ۽ معنيٰ‘، سندس ڪتاب ’شاهه جو رسالو‘ (هڪ اڀياس) ۾، صفحي ٨٨ کان ١٠٤ تائين ڇپيل آهي، جنهن ۾ ’ڪيڪاڻ‘ لفظ تي بحث ڪيل آهي. ان ڪتاب جو پهريون ڇاپو نومبر ١٩٩٢ع ۾، اکل ڀارتيه سنڌي ساهتيه ودوت پريشد پُڻي (مهاراشٽر)، انڊيا، پاران ڇپجي پڌرو ٿيو. اهو مقالو، ان کان اڳ، ٽماهي ’مهراڻ‘ ۾، جنوري-مارچ ١٩٨٩ع ۾ پڻ ڇپيو هو.

**غلام قادر سومري (ڊاڪٽر)** جو مضمون ’شاهه جي سر مارئيءَ ۾ ڪم آيل اصطلاح‘، ماهوار ’نئين زندگي‘ حيدرآباد ۾، آڪٽوبر ١٩٩٠ع ۾، صفحي ٢٣-٢٦ تائين ڇپيو، جنهن ۾ ان سُر ۾ ڪتب آيل اصطلاح ۽ انهن جون معنائون ڏنيون ويون آهن.

**نور افروز خواجه (ڊاڪٽر)** جو مضمون ’شاهه لطيف جي ڪلام ۾ آيل اصطلاح‘ (سر يمن ڪلياڻ)، مخزن ’سرتيون‘ ڄامشوري ۾، آڪٽوبر-ڊسمبر ١٩٩٠ع ۾، صفحي ٧٧-٨١ تي ڇپيو، جنهن ۾ سُر يمن ڪلياڻ ۾ ڪتب آندل اصطلاحن کي، بيتن جي هيٺان معنائن سان پيش ڪيو ويو آهي.

**چوئٿرام ولهيت** جو مقالو ’سر ڪاپائتيءَ ۾ ڪم آيل اسم ۽ انهن جون معنائون‘، حميد سنڌيءَ جي مرتب ڪيل ڪتاب ’سر ڪاپائتي‘ ۾، صفحي ٩٥ کان ١٠٢ تائين ڇپيو. ان ڪتاب جو پهريون ڇاپو ١٩٩١ع ۾، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه/حيدرآباد پاران ڇپيو. اهي لفظ الف-بي وار ترتيب ۾ ڏنا ويا آهن پر اندروني ترتيب پوريءَ طرح لغت واري نه اٿس.

**پروفيسر مظهر علي قريشيءَ** جو مضمون ’شاهه جي ڪلام ۾ آيل اصطلاح ۽ پهاڪا‘، ماهنامي ’پيغام‘ ۾، مئي-جون ١٩٩٢ع ۾، صفحي ١٨ کان ٢٢ تائين ڇپيو، جنهن ۾ رسالي جي ٻن سُرن ’ڪلياڻ‘ ۽ ’يمن ڪلياڻ‘ ۾ ڪتب آندل اصطلاحن کي الف-بي وار ترتيب موجب درج ڪري، سندن معنائون ڏنيون ويون آهن. ان مضمون جي ’قسط-٢‘، ماهوار ’پيغام‘ ۾، آگسٽ ١٩٩٢ع ۾، صفحي ٣٢ کان ٣٧ تائين ڇپي، جنهن ۾ رسالي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جي ٽن سُرن ’ڪنيات‘، ’سريراڳ‘ ۽ ’ساموندي‘ ۾ ڪتب آندل اصطلاحن ڪي الف-بي وار ترتيب موجب درج ڪري، سندن معنائون ڏنيون ويون آهن. ان مضمون جي ’قسط-٣‘، ماهوار ’پيغام‘ ڪراچي ۾، جنوري ١٩٩٣ع ۾، صفحي ٧ کان ١٠ ۽ ١٣ تائين ڇپيو، جنهن ۾ رسالي جي ٻن سُرن ’سسئي آبري‘، ’سريراڳ‘ ۽ ’معذوري‘ ۾ ڪتب آندل اصطلاحن ڪي الف-بي وار ترتيب موجب درج ڪري، سندن معنائون ڏنيون ويون آهن. ان مضمون جي ’قسط-٤‘، ماهوار ’پيغام‘ ڪراچي ۾، فيبروري-مارچ ١٩٩٣ع ۾، صفحي ٧ کان ١٧ تائين ڇپي، جنهن ۾ رسالي جي سُرن ’سهڻي‘، ’حسيني‘، ’ليلا چنيسر‘، ’مومل راڻي‘، ’ڪاموڏ‘ ۽ ’گهاتو‘ ۾ ڪتب آندل اصطلاحن ڪي درج ڪري، سندن معنائون ڏنيون ويون آهن.

**پريتم پياسيءَ** جو مقالو ’سر ڪاهوڙيءَ ۾ ٿري ٻوليءَ جا لهجا ۽ الفاظ‘، حميد سنڌيءَ جي مرتب ڪيل ڪتاب ’سر ڪاهوڙيءَ جو مطالعو‘ ۾، صفحي ٣٣ کان ٤٣ تائين ڇپيو. ان ڪتاب جو پهريون ڇاپو جولاءِ ١٩٩٤ع ۾، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪاميٽي، ڀٽ شاهه پاران ڇپيو.

**پروفيسر مظهر علي قريشيءَ** جو مضمون ’سر بروو سنڌي ۾ آيل اصطلاح ۽ پهاڪا‘، ماهوار ’نئين زندگي‘ حيدرآباد ۾، اپريل ١٩٩٥ع ۾، صفحي ١٠-١٣ تي ڇپيو، جنهن ۾ ان سُر ۾ ڪتب آندل اصطلاحن ڪي الف-بي وار ترتيب موجب درج ڪري، سندن معنائون ڏنيون ويون آهن.

**ڊاڪٽر هدايت پريم** جو مقالو، ’سُر سارنگ جو لساني جائزو‘ حميد سنڌيءَ جي ترتيب ڏنل ڪتاب ’سُر سارنگ‘ ۾ ص، ٢٧ کان ٤٠ تائين ڏنل آهي، جيڪو شاهه عبداللطيف ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه طرفان ١٩٩٨ع ۾ ڇپايو ويو آهي.

**تاج جويي** جو مضمون ’سُر سارنگ: درست پڙهڻيون‘ حميد سنڌي جي ترتيب ڏنل ڪتاب ’ سُر سارنگ‘ ص، ٦٩ کان ٨٤ تائين ڏنل آهي، جيڪو شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه جو ڇونديل آهي.

راز شر جو مقالو ’اصطلاح ۽ شاهه لطيف جي شاعري‘، ’ڪلاچي‘ (تحقيقي جرنل)، جلد-٢، شمارو-١، مارچ ١٩٩٩ع ۾، صفحي ٥٤ کان صفحي ٦١ تائين ڇپيل آهي، جنهن ۾ مختلف اصطلاحن جون معنائون ڏنل آهن.

**رخمان گل پالاريءَ (ڊاڪٽر)** جو مقالو ’پتائي ۽ بلوچي ٻولي‘،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair



’ڪلاچي‘ (تحقيقي جرنل)، جلد ٣، شمارو ٻيو، جُونِ ٢٠٠٠ع ۾، صفحي ٥٨ کان صفحي ٧٣ تائين ڇپيو، جنهن ۾ مختلف بيتن ۾ آيل بلوچي لفظن جي معنائن ۽ بيتن جي پڙهڻين تي بحث ڪيل آهي.

**نياز سرڪيءَ** جو مقالو ’شاهه ۽ سنڌي سائنسي لغت‘، ’ڪلاچي‘ (تحقيقي جرنل)، جلد ٣، شمارو ٻيو، جُونِ ٢٠٠٠ع ۾، صفحي ٧٤ کان صفحي ٨٧ تائين ڇپيل آهي، جنهن ۾ مختصر طور شاهه جي شاعريءَ ۾ سائنسي لفظن ۽ لغت بابت ويچار ونديل آهن.

**نياز سرڪيءَ** جو مقالو ’سر رپ ۾ اصطلاح ۽ چوڻيون‘، ڪتاب ’سر رِپ‘ (هڪ مطالعو) ۾، صفحي ١٥٠ کان ١٥٩ تائين ڇپيو. ان ڪتاب جو پهريون ڇاپو ٢٠٠٢ع ۾، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه/حيدرآباد، پاران ڇپيو. هن مضمون ۾ سر رپ ۾ آيل اصطلاحن جون معنائون ڏنل آهن. مضمون جي آخر ۾ ٽي عدد چوڻين طور مشهور سٽون به ڏنيون ويون آهن. هن ڪتاب تي مرتب طور ڪنهن جو به نالو ڇپيل نه آهي.

**الهنواز رڪڻائيءَ** جو مقالو ’سر سورٺ جي لغات‘، تاج جويي جي مرتب ڪيل ڪتاب ’سر سورٺ‘ ۾، صفحي ٢٠ کان ٩٥ تائين ڇپيو. ان ڪتاب جو پهريون ڇاپو اپريل ٢٠٠٣ع ۾، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه/حيدرآباد، پاران ڇپيو. اها لغت الف-بي وار ڏنل آهي، پر اندروني ترتيب پوريءَ طرح لغت واري نه اٿس.

**ڊاڪٽر غلام علي الانا** جو مقالو ’شاهه عبداللطيف: سنڌي ٻوليءَ جو معمار‘، ’ڪلاچي‘ (تحقيقي جرنل) جلد ٦، شمارو چوٿون، ڊسمبر ٢٠٠٣ع ۾، صفحي ٢٥ کان صفحي ٤٤ تائين ڇپيل آهي، جنهن ۾ شاهه جي ٻوليءَ ۽ لفظن تي گهڻ رخي ڇنڊڇاڻ ڪيل آهي.

**نواز رڪڻائيءَ** جو خط ’هڪ تنقيدي خط‘، ’ڪلاچي‘ تحقيقي جرنل ۾، جلد -٧، شمارو-٢، جونِ ٢٠٠٤ع ۾، صفحي ٩٧ کان ١٠٤ تائين ڇپيو، جنهن ۾ شاهه جي لغت، خاص ڪري ’لغات لطيفي‘ ۾ آيل ڪن لفظن جي معنائن جي حوالي سان ويچار ونديل آهن.

**مختيار گهمري** جو مقالو ’شاهه عبداللطيف جي شاعريءَ ۾ ڳاهن، ولين ۽ وڻن جو ذڪر‘، ’ڪلاچي‘ تحقيقي جرنل ۾، جلد-٧، شمارو-٢، جونِ ٢٠٠٤ع ۾، صفحي ١٠٥ کان ١٢٤ تائين ڇپيو، جنهن ۾ موضوع آهر رسالي مان حوالن سان تفصيلي ڄاڻ ڏنل آهي.

الهنواز رڪڻائيءَ جو مقالو ’سر حسينيءَ جي لغات‘، تاج جويي جي مرتب



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪيل ڪتاب 'حسينيءَ جي هاڪ' (سر حسينيءَ جو مطالعو) ۾، صفحي ٨٣ کان ١٢٥ تائين ڇپيو. ان ڪتاب جو پهريون ڇاپو مارچ ٢٠٠٥ع ۾، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه/حيدرآباد، پاران ڇپيو. اها لغت الف-بي وار ڏنل آهي، پر اندروني ترتيب پوريءَ طرح لغت واري نه اٿس.

**الهنواز رڪٽائيءَ** جو مقالو 'سر ديسيءَ جي لغات'، تاج جويي جي مرتب ڪيل ڪتاب 'ديسي سيڻ ڪجن' (سر ديسيءَ جو مطالعو) ۾، صفحي ٩٠ کان ١٢٣ تائين ڇپيو. ان ڪتاب جو پهريون ڇاپو جولاءِ ٢٠٠٥ع ۾، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه، پاران ڇپيو. اها لغت الف-بي وار ڏنل آهي، پر اندروني ترتيب پوريءَ طرح لغت واري نه اٿس.

**اسير محمد اياز قريشيءَ** جو مقالو 'سر ديسيءَ جي لغت ۽ ٻوليءَ جو بيان'، تاج جويي جي مرتب ڪيل ڪتاب 'ديسي سيڻ ڪجن' (سر ديسيءَ جو مطالعو) ۾، صفحي ٣٢٨ کان ٣٣٠ تائين ڇپيو. ان ڪتاب جو پهريون ڇاپو جولاءِ ٢٠٠٥ع ۾، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه، پاران ڇپيو. هن ننڍي مضمون ۾، لغت جو ڪو اهم ذڪر نه آهي.

**ڊاڪٽر نواز علي شوق** جو مقالو 'شاهه جي رسالي ۾ آيل تاريخي الفاظ'، سنڌس ڪتاب 'تحقيقات لطيف' ۾، صفحي ٨٦ کان ٩٠ تائين ڇپيل آهي، جنهن ۾ ٽن لفظن 'ڪيڪاڻ'، 'اولاق' ۽ 'ٻُختي' تي بحث ڪيل آهي. ان ڪتاب جو پهريون ڇاپو جنوري ٢٠٠٥ع ۾، مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور پاران ڇپجي پڌرو ٿيو. اهو مقالو، ان کان اڳ، ممتاز مرزا جي مرتب ڪيل ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه، پاران ڇپرايل ڪتاب 'لطيفي لاٽ'، ڇاپو پهريون ١٩٩٢ع ۾، صفحي ٧٨ کان صفحي ٨٩ تائين پڻ ڇپيل آهي.

**ڊاڪٽر رخمان گل پالاريءَ ۽ رياض بلوچ** جو مقالو 'سر ديسيءَ ۾ ٻاروچي ٻولي'، 'ڪلاچي' (تحقيقي جرنل)، جلد-٨، شمارو-٢، ڊسمبر ٢٠٠٥ع ۾، صفحي ١٠٧کان ١٣٦ تائين ڇپيل آهي، جنهن ۾ سر ديسي جي بيتن ۾ آيل بلوچي لفظن جي معنائن ۽ بيتن جي پڙهڻين تي بحث ڪيل آهي.

**ڊاڪٽر نواز علي شوق** جو مضمون 'شاهه لطيف جي ڪلام ۾ تركي لفظ'، ماهنامي 'نئين زندگي' ۾، جونِ ٢٠٠٦ع ۾، صفحي ٥٠ ۽ ٥١ تي ڇپيو، جنهن ۾ شاهه جي





رسالي ۾ موجود تركي لفظن جي ڇنڊڇاڻ ڪيل آهي.

**عبدالحنان گبول** جو مقالو 'سر ديسيءَ ۾ ٻاروچي ٻولي'، 'ڪلاچي' تحقيقي جرنل ۾، جلد-١٠، شمارو-٤، ڊسمبر ٢٠٠٧ع ۾، صفحي ٦٥ کان ٨٠ تائين ڇپيو، جنهن ۾ 'سر ديسي' ۾ آيل بلوچي لفظن جي معنائن جي حوالي سان ڇنڊڇاڻ ڪيل آهي.

**ڊاڪٽر اسد جمال پليءَ** جو مقالو 'سُر سورٺ ۾ محاورا، اصلاح ۽ چوٽيون'، سنڌس ڪتاب ' هيءَ جَڙ اسانهين' ۾ صفحي ١٤٣ کان ١٨٠ تائين شامل آهي، جيڪو ڪتاب مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور، اپريل ٢٠٠٨ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو آهي. ساڳيو تاج جويي جي ترتيب ڏنل سُر سورٺ ٢٠٠٣ع ۾ موجود آهي، جيڪو ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڇپائي پڌرو ڪيو آهي.

**ڊاڪٽر فهميده شاهه سبزواريءَ** جو مقالو 'سُر آسا جو لسانياتي جائزو'، ڊاڪٽر محمد علي مانجهيءَ جي ترتيب ڏنل ڪتاب ' سُر آسا ' ۾ صفحي ١٩٣ کان ٢٠٣ تائين ڏنل آهي، جنهن جو پهريون ڇاپو ٢٠٠٩ع ۾ ثقافت ۽ سياحت کاتي حڪومت سنڌ ڇپايو آهي.

**اعجاز احمد ميمڻ** جو مقالو 'پرڀاتيءَ جي اصطلاحي ٻولي'، ڊاڪٽر محمد علي مانجهيءَ جي مرتب ڪيل ڪتاب 'سر پرڀاتي' ۾، صفحي ٢٣٥ کان ٢٤٦ تائين ڇپيو. ان ڪتاب جو پهريون ڇاپو ٢٠١٠ع ۾، ثقافت کاتي، حڪومت سنڌ، پاران ڇپيو. ان مقالي ۾ سر پرڀاتيءَ ۾ ڪتب آيل اصطلاحن جي لغوي ۽ اصطلاحي معنيٰ کي سمجهايو ويو آهي.

**زيب نظاماڻيءَ** جو مقالو 'سر پرڀاتيءَ جي اصطلاحن جو اڀياس'، ڊاڪٽر محمد علي مانجهيءَ جي مرتب ڪيل ڪتاب 'سر پرڀاتي' ۾، صفحي ١٠٤ کان ١١٤ تائين ڇپيو. ان ڪتاب جو پهريون ڇاپو ٢٠١٠ع ۾، ثقافت کاتي، حڪومت سنڌ، پاران ڇپيو. ان مقالي ۾ سر پرڀاتيءَ ۾ ڪتب آيل ڪجهه اصطلاحن کي بحث هيٺ آندو ويو آهي.

**ڪلاڌر متوا** جو مقالو 'ڀٽائي وارن نج لفظن جو ڪڇ ۾ استعمال'، ڊاڪٽر نور افروز خواجه جي مرتب ڪيل ڪتاب 'لوچيان تي لاحد ۾' (٢٠١٠ع) ۾ ڇپيو.

**آزاد قاضيءَ** جو مقالو 'ڀيرومل مهرچند آڏواڻي ۽ شاهه جي لغت 'غريب اللغات''، ڊاڪٽر نور افروز خواجه جي مرتب ڪيل ڪتاب 'لوچيان تي لاحد ۾' (٢٠١٠ع) ۾ ڇپيو.

**پريتم پياسيءَ** جو مقالو 'سر پورب ۾ ٿري لفظ ۽ لهجا'، ڊاڪٽر محمد علي

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

مانجهيءَ جي مرتب ڪيل ڪتاب ’سر پورب‘ ۾، صفحي ١٠١ کان ١٠٦ تائين ڇپيو. ان ڪتاب جو پهريون ڇاپو ٢٠١١ع ۾، ثقافت کاتي، حڪومت سنڌ، پاران ڇپيو.

**ڊاڪٽر رخمان گل پالاريءَ** ۽ رياض بلوچ جو مقالو ’سر ديسيءَ ۾ بلوچي ٻولي‘، ’ڪلاچي‘ (تحقيقي جرنل)، جلد ١٤، شمارو پهريون، جُونِ ٢٠١١ع ۾، صفحي ٩ کان صفحي ٦٦ تائين ڇپيل آهي، جنهن ۾ سر ديسي جي ٢٨ بيتن ۾ آيل بلوچي لفظن جي معنائن ۽ بيتن جي پڙهڻين تي بحث ڪيل آهي.

**ڦُلو ڪي. ميگهواڙ (ڊاڪٽر)** جو مقالو ’سر مارئيءَ ۾ ڍاٽڪي ٻوليءَ جو سماجي، لسانياتي ۽ ثقافتي اڀياس‘، ’ڪلاچي‘ (تحقيقي جرنل) جلد ١٨، شمارو پهريون، جُونِ ٢٠١٥ع ۾، صفحي ٣٧ کان صفحي ٥٤ تائين ڇپيل آهي، جنهن ۾ سر مارئي ۾ شامل ڍاٽڪي لفظن جي معنائن تي بحث ڪيل آهي.

**پروفيسر ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ** جو مقالو ’شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي شاعريءَ ۾ تڪراري يا ورجاءَ وارن لفظن جو اڀياس‘، ’ڪلياڻ‘ (تحقيقي جرنل)، جلد ١٨، شمارو پهريون، ڊسمبر ٢٠١٥ع ۾، صفحي ٩ کان صفحي ٢٦ تائين ڇپيل آهي، جنهن ۾ شاهه جي شاعريءَ ۾ ڪتب آيل مختلف ورجاءَ وارن لفظن جي ڇنڊڇاڻ ڪيل آهي.

**پريتم پياسيءَ** جو مقالو ’ڪجهه لطيفي لفظن تي سوچ ويچار‘، ٢٠١٥ع ۾ ڇپيو.(٣٤)

**ڊاڪٽر احسان دانش** جو مقالو ’شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ اترادي لهجي جو اڀياس‘، ’سنڌي ٻولي‘ (تحقيقي جرنل) جلد ٩، شمارو ٻيو، ڊسمبر ٢٠١٦ع ۾، صفحي ٩٤ کان صفحي ١٢١ تائين ڇپيل آهي، جنهن ۾ اترادي لهجي موجب لطيفي ٻوليءَ ۽ لغت جو مطالعو ڪيل آهي.

**ڊاڪٽر رخمان گل پالاريءَ** جو مقالو ’سر سسئي آبريءَ ۾ ڪوهستاني لهجو‘، ’سنڌي ٻولي‘ (تحقيقي جرنل)، جلد ٩، شمارو ٻيو، ڊسمبر ٢٠١٦ع ۾، صفحي ٣٨ کان ٥٠ تائين ڇپيل آهي.

**رياضت ٻرڙي** جو مقالو ’شاهه لطيف جي ’سُر سامونديءَ‘ ۾ درد جي لغت‘، ڊاڪٽر فياض لطيف جي ترتيب ۽ تدوين ڪيل ڪتاب ’شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ درد جو جمال‘ ۾، صفحي ٣٨٣ کان صفحي ٤١٦ تائين ڏنل آهي، جنهن ۾ سر سامونديءَ ۾ آيل انهن لفظن جون معنائون پيش ڪيل آهن جن جو واسطو درد ۽ ان جي مختلف





ڪيفيتن سان آهي. ان ڪتاب جو پهريون ڇاپو ٢٠١٧ع ۾؛ مجلد؛ رايل سائز ۾؛ ٤١٦ صفحن تي مشتمل؛ ٤٥٠ رپين جي قيمت ۾؛ سنڌيا پبليڪيشنز، ڪراچيءَ مان ڇپجي؛ ثقافت کاتي، سنڌ حڪومت، ڪراچيءَ پاران پڌرو ٿيو.

**رياضت ٻرڙي** جو مقالو ’پيرومل مهرچند، مرزا قليچ بيگ ۽ ڊاڪٽر بلوچ جي ’لطيفي لغتن‘ جو تحقيقي ۽ تنقيدي مطالعو‘، ’ڪينجهر‘ (تحقيقي جرنل) شمارو ٢٠، سال ٢٠١٧ع ۾، صفحي ٩٧ کان صفحي ١١٥ تائين ڇپيل آهي، جنهن ۾ ’غريب اللغات‘ ۽ ’لغات لطيفي‘ جي ڇنڊڇاڻ ڪيل آهي.

**پيرومل مهرچند آڏواڻيءَ** جي ڪتاب ’گربخشاڻيءَ وارو شاهه جو رسالو (پيرومل جي نظر ۾)‘، جو ٻيو ڇاپو ٢٠١٨ع ۾، مجلد، ڊيمي سائز ۾، ثقافت کاتي سنڌ پاران ڇپيو. ان ڪتاب جي ’ڇهين ۽ ستين قسط‘ ۾، صفحي ٩١ کان ١٤١ تائين، شاهه سائينءَ جي، ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ پاران ڏنل معنائن ۽ ٻين مؤلفن ۽ لغت نويسن پاران ڏنل معنائن ڪي جائزي هيٺ آندو ويو آهي. اهي قسطون، ان کان اڳ، ’سنڌو‘ مخزن جي مختلف شمارن ۾ ڇپيل آهن.

**رياضت ٻرڙي** جو مقالو ’ڊاڪٽر بلوچ جي جوڙيل ’روشني: شاهه جي ڪلام جي لغت‘ جو تحقيقي ۽ تنقيدي اڀياس‘، ’سنڌي ٻولي‘ (تحقيقي جرنل) جلد ١١، شمارو پهريون، جون ٢٠١٨ع ۾، صفحي ٦٠ کان صفحي ٧٦ تائين ڇپيل آهي، جنهن ۾ ڊاڪٽر بلوچ جي جوڙيل شاهه جي ڪلام جي لغت جي ڇنڊڇاڻ ڪيل آهي.

**لطف پيرزادي** جو مضمون ’اجرڪ جي صنعت سان لاڳاپيل لفظن ۽ اصطلاحن جو شاهه جي رسالي ۾ استعمال‘ ڪتاب، ’نت نت آهه نئون‘ ص، ١٧٩ کان ١٨٣ تائين ڏنل ، جيڪو مرڪ پبليڪيشن ڪراچي ۽ لطف پيرزادي اڪيڊميءَ ڇاپيو آهي.

## نتيجو:

ان ريت هن مضمون جي مُهڙ ۾ ڄاڻايل پنجن حصن مان پهرئين حصي ’شاهه جي رسالن ۽ شاعريءَ جون لغتون‘ ۾ ١٣ بنيادي داخلائون آندل آهن، ٻئي حصي ’شاهه جي رسالن ۽ ان جي ترجمن ۾ آندل اهنجن لفظن جون معنائون‘ ۾ ٣٣ بنيادي داخلائون آنديون ويون آهن، ٽئين حصي ’رسالي جي سرن وارن مجموعن ۽ شعرن جي انتخابن ۾ ڇپيل اهنجن لفظن جون معنائون‘ ۾ ٦١ بنيادي داخلائون شامل ٿيون آهن، چوٿين حصي

’شاهه جي ٻوليءَ تي ڇپيل ڪتابن ۾ معنائن جو مطالعو‘ ۾ ١٠ داخلائون آيون آهن ۽ آخري پنجين حصي ’شاهه جي لغت بابت مضمون ۽ مقالا‘ ۾ ٦٢ داخلائن جو اندراج ٿي سگهيو آهي. هيءُ سڄو ٿيل ڪم نه صرف ’لطيف شناسيءَ‘ ۾ نهايت ڪارائتو آهي، پر سنڌي ٻوليءَ جي لغت لاءِ پڻ ملهائتو ذخيرو آهي. يقيني طور چئي سگهجي ٿو ته ١٨٨٩ع کان وٺي ٢٠١٩ع تائين، ١٣٠ سالن دوران، ’شاهه جي رسالي‘ جو ڪيل اهو لغوي مطالعو، شاهه جي ٻوليءَ ۽ لغت کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جي سلسلي جو هڪ اهم ترين مطالعو آهي جنهن سان نه رڳو شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي فڪر ۽ فلسفي کي سمجهڻ ۾ سهولت ٿي آهي، پر سنڌي ٻوليءَ ۽ لغت جي وسعت جو به مطالعو ٿي سگهيو آهي. ان سان سنڌي لفظن ۽ اصطلاحن جي ظاهري ۽ اندروني معنيٰ ۽ مفهوم جي به پرک ڪرڻ جي ڪارگر ڪوشش ٿي آهي، ته سنڌي لفظن جي معنائن جو هڪ ڪشادو ميدان به معلوم ٿي سگهيو آهي.

## حوالا


١. جوٽيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر: پيش لفظ: ’لغات لطيفي‘، ليکڪ: مرزا قليچ بيگ: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد: ڇاپو ٽيون ١٩٩٣ع، ص: ٥.

٢. جويو، محمد ابراهيم: ناشر طرفان ٻه اکر: ’لغات لطيفي‘، مؤلف مرزا قليچ بيگ: حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ، ڇاپو ٻيو ١٩٦٧ع، صفحو نمبر ڇپيل نه آهي.

٣. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا، جلد-١٠، آگسٽ ٢٠١٦ع، ص: ٢٢٧.

٤. جيٽلي، مرليڌر، ڊاڪٽر: سنڌي لغت نويسيءَ جي تاريخ (مضمون)، ’لغت نويسيءَ بابت مضمون ۽ مقالا‘، مرتب: رياضت برڙو، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد، پهريون ڇاپو ٢٠١٨ع، ص: ٢٢٤ ۽ ’سنڌي لغت نويسيءَ جي تاريخ‘، ’سنڌي ٻولي‘ تحقيقي جرنل، ايڊيٽر: ڊاڪٽر فهميده حسين، جلد ٻيو، شمارو چوٿون، آڪٽوبر-ڊسمبر ٢٠٠٩ع، ص: ٣٠.

٥. شيراز، ناسف علي: سنڌي لغت نويسيءَ جي تاريخ ۽ ببليوگرافي (مضمون)، ’لغت نويسيءَ بابت مضمون ۽ مقالا‘، مرتب: رياضت برڙو، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد، پهريون ڇاپو ٢٠١٨ع، ص: ٣٢٨.

٦. چانڊيو، ڪمال، ڊاڪٽر، مهاڳ: ’شاهه جي شاعري جي لغت‘، مؤلف: خليل الرحمان شيخ: سرهاڻ ويلفيئر سوسائٽي سنڌ: ڇاپو پهريون، ٢٠١١ع، ص: ٦.







٧. پريم، هدايت، ڊاڪٽر، ’روهڙيءَ جا روشن ستارا‘، پوپٽ پبلشنگ هائوس، خيرپور: ڇاپو پهريون جنوري ٢٠١١ع، ص: ٦٥.

٨. ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي جي محقق ۽ اديب پٽ، ڊاڪٽر اسلم سنديلي سان ڪيل ڳالهه ٻولهه، آڪٽوبر ٢٠١٩ع.

٩. ابڙو، آفتاب، ڊاڪٽر، مقدمو، جامع لغات لطيف (جلد پهريون)، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڇاپو پهريون، ٢٠١٨ع، ص: ٢١.

١٠. سنائي، محمد حبيب، ’شاهه لطيف جي شاعريءَ جي چونڊ انگريزي ترجمن جو مختصر جائزو‘، ’سنڌي ٻولي‘ تحقيقي جرنل، ايڊيٽر: پروفيسر ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، جلد ١٠، شمارو پهريون، جونِ ٢٠١٧ع، ص: ١٣٠.

11. Agha, Muhammad Yakoob: Shah Jo Risalo; Department of Culture & Tourism, Government of Sindh; New Edition 2016, page 9.

١٢. آخوند، عبدالحميد، ناشر پاران، ’شاهه جو رسالو‘، مرتب: عثمان علي انصاري: شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه: ڇاپو پهريون، ١٩٩٧ع، ص: ٨.

١٣. سيد، درشهوار، ڊاڪٽر (سهيڙيندڙ)، ’شاهه لطيف تي ببليوگرافي‘، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڇاپو پهريون، سيپٽمبر، ١٩٩٦ع، ص: ٤٠.

١٤. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالغفور سنڌيءَ، ’علامه قاسميءَ جي ڄمڻ جي تاريخ ٢٤ جون ١٩٢٤ لکي آهي‘. ڏسو: سنڌي، ميمڻ عبدالغفور، ڊاڪٽر: سنڌي انسائيڪلوپيڊيا سيريز-٥ (الف): شڪارپور: مهراڻ پبليڪيشنس، ١٩٨٤ع، ص: ١٠١.

١٥. ٽنيو، گل محمد، پنهنجي پاران، ’شاهه جو رسالو‘، مرتب: ڪلياڻ آڏواڻي، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، ڇاپو پهريون، ١٩٩٧ع، ص: ١٠.

١٦. لالواڻي، چينو، ڊاڪٽر، ’شاهه جا اسرار‘، ڀارتي ٻولين ۾ شاهه عبداللطيف (مضمون)، سهيڙيندڙ: غلام اڪبر لغاري: ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ: ڇاپو پهريون ٢٠١٦ع، ص: ٢٢-٢٣، ۽ سدارنگاڻي، ومي: شاهه جي رسالي جا ڀارت ۾ ٿيل ترجما (مضمون): ’مون ۾ تون موجود‘، سهيڙيندڙ: ڊاڪٽر محمد علي مانجهي: ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ: ڇاپو پهريون ٢٠١٢ع، ص: ٨٧.

١٧. سنائي، محمد حبيب، ’شاهه لطيف جي شاعريءَ جي چونڊ انگريزي ترجمن جو مختصر جائزو‘، سنڌي ٻولي تحقيقي جرنل، ايڊيٽر: پروفيسر ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، جلد ١٠، شمارو پهريون، جونِ ٢٠١٧ع، ص: ١٣٢-١٣٣.

١٨. ملاح، مختيار احمد، ’ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرومپ کان اڳ، ڪن انگريز عملدارن جي شاهه لطيف تي ٿيل تحقيق جو جائزو‘ (مقالو)، ڪلاچي تحقيقي جرنل، ايڊيٽر: پروفيسر سليم ميمڻ، جلد ٢٢،




Shah Abdul Latif Bhitai Chair

شمارو پهريون، جون ۲۰۱۹ع، ص: ۵۴.

۱۹. جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر، 'ببليوگرافي شاهه تي لکيل ڪتابن جِي'؛ سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو: ڇاپو پهريون، جنوري ۲۰۰۰ع، ص: ۱۸.

۲۰. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا، جلد-۱۰، آگسٽ ۲۰۱۶ع، ص: ۲۲۶.

۲۱. شيراز، ناسف علي، 'شاهه جي رسالي جون لغتون: مختصر جائزو'، ماهوار 'نئين زندگي' حيدرآباد، مارچ-اپريل ۲۰۰۶ع، ص: ۷.

۲۲. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا، جلد-۱۰، آگسٽ ۲۰۱۶ع، ص: ۲۲۶.

۲۳. واصف، محمد بخش، 'سر سامونڊي'، ديباچو، مرتب: غلام محمد شاهواڻي ۽ محمد بخش 'واصف'، آر. ايچ. احمد اينڊ برادرس، حيدرآباد: ڇاپو ٻيو ۱۹۶۶ع، ص: ۴.

۲۴. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا، جلد-۱۰، آگسٽ ۲۰۱۶ع، ص: ۲۳۲.

۲۵. جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر، 'لطيفيات: شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي سوانح ۽ ڪلام (ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل) جي ببليوگرافي'، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو، ڇاپو پهريون، ڊسمبر ۱۹۷۷ع، ص: ۲۸.

۲۶. جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر، 'ببليوگرافي شاهه تي لکيل ڪتابن جِي'، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، ڇاپو پهريون، جنوري ۲۰۰۰ع، ص: ۱۸.

۲۷. جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر، 'ببليوگرافي شاهه تي لکيل ڪتابن جِي'، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، ڇاپو پهريون، جنوري ۲۰۰۰ع، ص: ۱۴.

۲۸. جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر، 'ببليوگرافي شاهه تي لکيل ڪتابن جِي'، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، ڇاپو پهريون، جنوري ۲۰۰۰ع، ص: ۱۷.

۲۹. ٽالپر، محمد اسلم: 'مرحوم الهه بخش ٽالپر ـــ تعليمي ماهر ۽ اديب' (مضمون)؛ ماهوار 'نئين زندگي' حيدرآباد؛ جوائنٽ ايڊيٽر: شعبان بخت، ڇپائيندڙ: ريجنل انفارميشن آفيس، پاڪستان انفارميشن ڊپارٽمينٽ، حيدرآباد: آڪٽوبر-نومبر ۱۹۸۹ع، ص: ۴۶ ۽ ۶۴.

۳۰. جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر، 'ببليوگرافي شاهه تي لکيل ڪتابن جِي'، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، ڇاپو پهريون، جنوري ۲۰۰۰ع، ص: ۱۷.

۳۱. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا، جلد-۱۰، آگسٽ ۲۰۱۶ع، ص: ۲۳۳.

۳۲. لاڙڪ، راحب علي، 'شاهه جا شيدائي (حصو ٻيون)'، سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد، ڇاپو پهريون، مئي ۲۰۱۸ع، ص: ۴۷.





۳۳.شيراز، ناسف علي، 'شاهه جي رسالي جون لغتون - مختصر جائزو'، ماهوار 'نئين زندگي'، حيدرآباد، مارچ-اپريل ۲۰۰۶ع، ص: ۱۰.

۳۴.لاڙڪ، راحب علي، 'شاهه لطيف جا شيدائي (حصو پهريون)'، سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد، ڇاپو پهريون، مارچ ۲۰۱۶ع، ص: ۹۰.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair